
ساهت ۽ ڪلا جي

رچنا

170



ڊاڪٽر ستيش روهڙا

اِشاعت جو ٽيتاليهون سال

ساهت ۽ ڪلا جي

رچنا - ١٧٠

Sahit ain Kala ji **RACHNA**
Editor : Mukesh Tilokani
ايڊيٽر : مڪيش تلوڪاڻي

سال : ٤٣ **Year - 43**

انڪ : ١٧٠ **Vol - 170**

(April - June 2021)

اَپريل - جوُن ٢٠٢١

في انڪ : ٦٠ رپيا

Price Rs. 60/=
Annual Subscription Rs. 200/=
Life Subscription Rs. 2000/=

ڀارت کان ٻاهر :
١٠٠ يو. ايس. ڊالر

پاران : اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

P.O.Box-10 Adipur (Kutch) 370205

Ph: (02836) 263851, E-mail : contact@sindhology.org Website www.sindhology.org



سلسلو

تازو ۲۴ فيبروري ۲۰۲۱ تي آديپور ۾ سنڌي ڀاشا جو ودوان، ساهتيڪار، ڪهاڻيڪار، تنقيد نگار، ڀاشا وگياني، سنڌالاجيءَ جو اڳوڻو پهريون ڊائريڪٽر ڊاڪٽر ستيش ڪمار روهڙا، ۹۲ سالن جي عمر ۾ هن فاني جڳت مان موڪلائي ويو.

هن جو جنم ۱۵ آگسٽ ۱۹۲۹ع تي دادو سنڌ ۾ ٿيو. ورهاڱي کان پوءِ ڪجھ وقت اَجمير ۾ پنهنجي پريوار سان رهيو ۽ پوءِ اَچي آديپور ۾ گھر وسايائين.

هن گجرات يونيورسٽيءَ مان ۱۹۶۰ ۾ بي. اي. پاس ڪئي. ايم. اي. عليگڙھ يونيورسٽيءَ مان ۱۹۶۲ ۾ پاس ڪئي. ڀاشا وگيان ۾ پوسٽ گرئجيوٽ ڊپلوما (پونا يونيورسٽي - ۱۹۶۴)، پي. ايڇ. ڊي. پونا يونيورسٽي ۱۹۶۵ ۾ (وشيہ: ڪڇي ڀاشا جو ڀاشا وگيانڪ بياني چيد) مان ڪئي.

هن ماستري پيشي سان شروعات مٽري اِسڪول آديپور مان ڪئي. پوءِ ڪجھ وقت آدرش اِسڪول گانڌيڌام ۾ بہ ماستر رهيو. تنهن کان پوءِ ٻين سنسٿائن ۽ يونيورسٽين ۾ شيوائون ڏنائين.

ليڪچرار هندي ۽ ڀاشا وگيان بنارس يونيورسٽي، ۱۹۶۶ کان ۱۹۷۳. ريڊر سينٽرل هندي اِنسٽيٽيوٽ ۱۹۷۳ کان ۱۹۸۳. پروفيسر سينٽرل هندي اِنسٽيٽيوٽ ۱۹۸۴ کان ۱۹۹۰ ۾ رٽائر ٿيڻ تائين. (وچ ۾ ۱۹۷۸ کان ۱۹۸۲ تائين گيانا يونيورسٽيءَ ۾ هندي ۽ اِنڊين ڪلچر جو وزٽنگ پروفيسر رهيو.)

ڊائريڪٽر اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي آديپور ۱۹۹۰ کان ۲۰۰۲ تائين. پرمننٽ ٽرسٽي، ۽ ڪجھ وقت وائيس چيئرمن بہ رهيو.

چپايل ڪتاب :

(۱) تپسوي ونوبا (جيوني - ۱۹۵۷)،


(۲) ڀاشا سنڌي ڀاشا (ڀاشا ۽ سنڌي ڀاشا تي ٦ مقالا - ۱۹۷۱)،

(۳) سنڌي ٻوليءَ جي آتم ڪٿا (ڀاشا وگيان - ۱۹۷۱)،

(۴) سنڌالاجي (سمپادن مضمون - ۱۹۷۱) (۵) رشتو (۸ ڪهاڻيون - ۱۹۸۹)،

(٦) هندي - سنڌي وهنوارڪ لگھوُ ڪوش. سنڌي سمپادن (ڊڪشنري - ۱۹۸۴)،

وِدوان شخص
ڊاڪٽر ستيش پمنداس روهڙا



جنم : 1929-8-15 ديهانت : 2021-2-24

اَڄ نہ اوطاقُنِ ۾، طالِبَ تَنوارين،
آديسي اُٿي ويا، مَڙهيون موُن مارِينِ،
جي جيءَ کي جِيارِينِ، سي لاهوُتِي لڏي ويا.
- شاه

گهڻي ڏُکَ ۽ اَفسوس سان لکڻو ٿو پوي تہ ويجهڙائيءَ جي ڪجهہ مهنن ۾ سنڌ ۽ هند جي سنڌي ساهتيہ جڳت جا ڪيترائي ودوان، ساهتيڪار، تعليمدان، ڪلاڪار هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا آهن.

پروفيسر پريتم ورياڻي، ڊاڪٽر غلام علي اَلانا، پرنسيپال آسن واسواڻي، هري همٿاڻي، ڊاڪٽر گوورڌن تنواڻي، شاستريہ سنگيت جي سرتاج فنڪارا شانتي هيرانند، وايولين ماسٽر ڪنعيالال لالواڻي، دليپ ٽيڪچنداڻي وغيره.

(۳۳) رشتو (۸ ڪهاڻيون ديوناگريءَ ۾ - ۲۰۱۸)،
(۳۴) اَنارُوان اَڏيايه (سنڌيءَ مان هنديءَ ۾ ۱۷ ڪهاڻيون :
ترجمان : مرلي گوونداڻي - ۲۰۲۰)،
(۳۵) وِڪلپ (سنڌيءَ مان گجراتيءَ ۾ ۱۹ ڪهاڻيون ترجمان : رميش لهاڻا - ۲۰۲۰)،
(۳۶) اسٽينڊرڊ باءِ لئنگول انگريزي - سنڌي) ڊڪشنري سمپادڪ ۲۰۲۱).

اِنعام ۽ سنمان :

اَکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا طرفان ۲۰۰۰ ۾ ساهتڪار انعام ۲۵۰۰۰ روپيه. اين.سي.پي. ايس. ايل طرفان 'ڪوتا ڪان ڪوتا تائين' تي ۲۰۰۲ ۾ اِنعام ۵۰۰۰۰ روپيه، سينٽرل ساهتيه اَڪادمي دهليءَ طرفان 'ڪوتا ڪان ڪوتا تائين' ۲۰۰۴ ۾ اَوارڊ، گجرات سنڌي ساهتيه اَڪادمي گانڌينگر طرفان گؤرو پرسڪار - ۲۰۱۱، اين.سي.پي.ايس.ايل. طرفان لائيف ٽائيم اَچيومينٽ اَوارڊ ۲۰۱۲-۲۰۱۳. ۽ ٻيا ڪيترائي ننڍا وڏا مانَ سنمانَ ڪيس ديس وديش مان حاصل ٿيا.

ڊاڪٽر ستيش روهڙا سنڌي - هندي ڀاشا جو گهرو اَڀياسي تعليمدان ذهين ودوان هو. رٽائرمينٽ کان پوءِ ۱۹۹۰ کان سنڌالاجيءَ جو پهريون ڊائريڪٽر پد رهي، هن سنڌالاجيءَ کي صحيح دِشا ۾ اڳتي وڌايو. هو سنڌالاجيءَ جو پرمننٽ ٽرسٽي هو.

روهڙا صاحب سُلجهيل دماغ وارو ٿوري ۾ گهڻو ڪجهه چئي سگهڻ جي سگهه رکندڙ، سادي کاڌيءَ جي پوشاڪ پائيندڙ، سادي زندگي گذارڻ سان گڏ، اوچ ويچارن ۾ وشواس رکندڙ هو. سوچيل مقصد کي پوري ڪرڻ ۽ آسانيءَ سان عوام جي دل دماغ تي چٽي ڇاپ ڇڏيندڙ هو. اُها هُن ۾ خاص قسم جي گڻوتا سمايل هئي. جنهن ڪري هو ساهتيه جڳت ۾ پيارو هو. هُن ڪيترن جي دل ۾ جاءِ جوڙي ورتي هئي. هُن سنڌي ساهتيه جڳت کي ڪيترا اَنمول جاڻ رکندڙ ڪتابي تحفا ڏنا، جن جو فائدو ايندڙ پيڙهين کي بہ ملندو.

ڊاڪٽر ستيش روهڙا تمام بهترين تنقيدنگار هو. جنهن رچنا مخزن ۾ آخر تائين ڪٽ ڪالم سان ڪتابي آلوچنا ڪئي. هو ننڍي وڏي ساهتيڪار کي پنهنجي قلم سان شاباسيءَ سان گڏو گڏ ڪن مهٽ يا ڇهنڊڙي پائڻ کان

(۷) سنڌي-هندي-انگريزي ٽري ڀاشا ڪوش سنڌي سمپادن (ڏڪشنري - ۱۹۸۹)،
(۸) ڪوش وگيان - سڌانت ايوم مُليانڪن (سمپادن - ۱۹۸۹)،
(۹) چنڊچاڻ (۷، تنقيدي مضمون - ۱۹۹۵)،
(۱۰) سنڌوواڻي (انگريزيءَ ۾ ليک - ۱۹۹٦)،
(۱۱) اونده جو سچ (۸، ڪهاڻيون - ۱۹۹۷)،
(۱۲) ڪوتا ڪان ڪوتا تائين (ڪوتا تي وهنوارڪ آلوچنا - مضمون - ۲۰۰۰)،
(۱۳) ڀاشا ۽ ڀاشا وگيان (ڀاشا وگيان ۲۰۰۱)،
(۱۴) سنڌيءَ ۽ ڪڇيءَ جي وابستگي (آلوچنا - ۲۰۰۰)،
(۱۵) ڪٿا ڪان ڪٿا تائين (ڪهاڻين ۽ ناولن تي وهنوارڪ آلوچنا - ۱٦ مضمون - ۲۰۰۲)،
(۱٦) ڀاشا ساهتيہ ۽ سماج (تحقيقي ۽ تنقيدي مضمون - ۲۰۰۳)،
(۱۷) ڪلچرل باءِ پاس سرجري (سنڌي سنسڪرتيءَ تي ننڍا ليک - ۲۰۰۳)،
(۱۸) ڪلچرل باءِ پاس سرجري (هنديءَ ۾ : ترجمان : ڪيمن مولاڻي - ۲۰۰۴)،
(۱۹) ڪلچرل باءِ پاس سرجري (انگريزيءَ ۾ : ترجمو : مڌو ڪيولاڻي - ۲۰۰۵)،
(۲۰) ساهتيہ سرجڻ (۱۲ ساهتڪ مضمون - ۲۰۰۵)،
(۲۱) تنها (سنڌي ديوناگريءَ ۾ ڪوتا - ۲۰۰۵)،
(۲۲) سنڌي اِتهاس سنسڪرتي ڀاشا ايوم ساهتيہ (هنديءَ ۾ - ۲۰۰٦)،
(۲۳) سچ اَسچ (۱۵ شخصي مضمون - ۲۰۰٦)،
(۲۴) سنڌي ٻوليءَ جي آتم ڪٿا (ديوناگريءَ ۾، ۹ ڀاشا وگياني مضمون - ۲۰۰۷)،
(۲۵) سنڌي ٻوليءَ جي آتم ڪٿا (سنڌيءَ ۾ ۹، ڀاشا وگياني مضمون - ۲۰۰۷)،
(۲٦) سنڌي ڀاشا انگريزي ماڌيم پاٺو - ۱ (سنڌي سکڻ جو ڪتاب - ۲۰۰۷)،
(۲۷) سنڌي ڀاشا انگريزي ماڌيم پاٺو - ۲ (سنڌي سکڻ جو ڪتاب - ۲۰۰۸)،
(۲۸) ايئر پورٽ جي رستي تي (۸ ڪهاڻيون - ۲۰۰۸)،
(۲۹) ها اَسين آهيون (۱۸ مضمون - ۲۰۰۹)،
(۳۰) پاپا اَچو تہ هٿ ملايون (۷ ڪهاڻيون - ۲۰۰۸)،
(۳۱) ها اَسين آهيون (۱۸ مضمون - ۲۰۰۹)،
(۳۲) اوندهہ جو سچُ (۸ ڪهاڻيون ديوناگريءَ ۾ - ۲۰۱۸)،



ياد گيريون / موهن گيهاڻي

ستيش روهڙا - ڪي ياد گيريون

سچ تہ اهو آهي تہ ستيش روهڙا سان منهنجي گهرائپ نہ هئي ھُن سان ڪي ملاقاتون ٿيون ۽ ڪُجهہ وقت سندس پر ۾ گذاريم هي يادگيريون اُن جي بنياد تي آهن. ڪي شخص اَهڙا ٿيندا آهن جي ڪيترا سال گڏ هجن تہ بہ اُنهن جو اَثر ذهن تي ۽ دل تي ايترو نہ پوندو آهي پر ڪي شخص ڪن مختصر ملاقاتن ۾ ئي گهرو اَثر ڇڏي ويندا آهن ۽ ستيش جو رول اهڙو ئي ڪُجهہ منهنجي من تي ٿيو آهي.

لڳ ڀڳ ۱۹٦۰ جي ڳالهہ آهي. سنڌي ساهت منڊل جو ادبي ڪلاس ڏوبي تلاءَ تي هر ڇنڇر شام جو ٿيندو هو ۽ هو صاف رنگ وارو رواجي ڪاٺ ڪاٺيءَ وارو، بش شرٽ ۽ پئنٽ ۾ ملبوس ميڙ ۾ اَچي شامل ٿيو. اُتم ڪيس 'ستيش روهڙا' ڪري واقفيت ڪرائي ۽ سندس ڪا رچنا تازو ئي نئين دنيا ۾ ڇپجي چُڪي هئي. پوءِ ٻڌم تہ هو بنارس هليو ويو ۽ ڪڏهن بہ ڪنهن سميلن يا ميڙ ۾ نظر نہ آيو. گهڻو بعد ۾ جڏهن سنڌالاجيءَ جي قائم ٿيڻ بابت ليڪن ۾ بحث ٿيندا هئا اُن وقت وري ستيش روهڙا جو نالو ٻڌڻ ۾ اَچڻ لڳو ۽ سالن بعد مون ڪيس لکمي ڪلاڻيءَ سان گڏ دبئيءَ ۾ ڏٺو. اُن وقت هو سنڌالاجيءَ لاءِ چندو گڏ ڪرڻ آيا هئا. اُن دؤران اسان ڇڱا ويجها ٿياسين ۽ هڪ ٻئي کي سمجهيوسين ۽ من ۾ هڪ ٻئي لاءِ عزت پئدا ٿي.

دبئيءَ ۾ سندن پئسن هٿ ڪرڻ جو طريقو اهو هوندو هو. مورجمل ڪن بينل ماڻهن جو ميڙ ڪوٺايو. ستيش روهڙا سنڌالاجيءَ جي تصور ۽ مفهوم جي تُز ۽ ڇتيءَ طرح سمجهاڻي ڏني ۽ لکميءَ اُتساهي تقرير ڪئي تنهن بعد هو

روڪي نہ سگھندو هو. رچناڪار - اَديب پاڻ سندس رايو خوشيءَ سان محسوس ڪندا هئا ۽ اُن ساهتيڪ رچنا تي گوڙ ڪندا هئا.

هتن جي آڱرين تي سنڌي ودوانن جي ڳڻپ ڪجي تہ ڊاڪٽر ستيش روهڙا جو نالو ڳڻپ ۾ شمار ٿيندو.

منهنجي ساهتيڪ رچنا ڪوتا رچڻ سان ٿي، اُن ۾ بہ هُنن جي همت اَفزائي ۽ ڪوشش سان پهريون دفعو منهنجون ڪوتائون ١٩٩٣ واري رچنا مخزن ۾ ڇپيون. هُن فقط مونکي نہ، پر بين ڪيترن کي پنهنجي ڄاڻ، ساهتيہ اَدب، تعليم ۾ اڳيان وڌڻ، نوڪري پيشي ۾ اڳيان وڌڻ لاءِ صحيح مارگ درشن ڏنو، ۽ اڳتي وڌائڻ لاءِ همٿايو. اُهي سڄڻ اڄ بہ گرم جوشيءَ سان ڪاريہ ڪري رهيا آهن.

اڄ کين ياد ڪندي، اِنهيءَ رچنا مخزن ۾ اسان طرفان شرڌانجليءَ جا بہ لفظ لکندي، ڏک وچان دل ڀرجي آئي آهي.

پرماتما در پرارٿنا آهي تہ کيس پنهنجي چرڻ ڪملن ۾ جوڳي جاءِ ڏئي. سندس آتما کي شانتي بخشي.

وري هڪ دفعو کيس پرڻام.

اوم .... شانتي .... شانتي .... شانتي

مڪيش تلوڪاڻي

Editor :
RACHNA Magazine,
INDIAN INSTITUTE OF SINDHOLOGY
P.O. BOX - No. 10 (Ward 4A)
ADIPUR (KUTCH) 370205
Email : sindlogy@yahoo.com, PH : (02836) , 261569

Published and Printed by Shri Sahib Bijani, Director, on behalf of Indian Institute of Sindhology, Ward 4A, Near Santoshi Maa Mandir, Adipur (Kutch) - 370205. Printed at Scan Computers Commercial Art Printers. 3, Radhyshyam Apartment, Naroda Road, Ahmedabad - 382340. Editor : Mukesh Tilokani.

مچندي رهي انڪل به ڪلاڪ ته واهه جو پيالا ٽڪرائيندا رهن. گلاس ڪنهن جو به خالي نه رهي، اهو محفل جو دستور ۽ اهڙيءَ طرح ستيش جو گلاس ور ور سيون اپ سان پرجي. آخر جڏهن محفل ختم ٿي سڀ موڪلائڻ لڳا ته ستيش ميزبان کي چيو ’سني ماني ڪارائجو. مهرباني. اوهان ته منهنجو پيٽ اگهوات ئي سيون اپ سان پري ڇڏيو. اوهان مزي ۾ گلاس ٽڪرائيندا رهيا ۽ اُتي منهنجو پيٽ ڦوڪجندو رهيو.

۱۹۹۹ جي آخر ۾ وري منهنجو آديپور وڃڻ ٿيو، اُن وقت ستيش سنڌالاجيءَ جو ڊئريڪٽر هو ۽ سنڌالاجيءَ جي عمارت ٺهي راس ٿيڻ تي هئي. سڀ مشغول هئا جو ۲۰۰۰ سال جي شروعات ۾ سنڌالاجيءَ جي نئين عمارت جو مهورت ٿيڻو هو تنهن ڪري ستيش سان ڪا روح رهاڻ ڪانه ٿي سگهي.

لڪمي ڪلاٽيءَ زور پريو ته ’ڪنڊلا گانڌيڌام آديپور تي اتهاس تيار ڪريان ۽ آخر ۲۰۱۱ ۾ مان ۽ روپ وري انڪل ٽن مهنن لاءِ آديپور ملير ۾ وڃي رهياسين. اُن دوران سنڌلاجي وڃڻ ۽ اُتان منجهند جو موٽڻ پين ساٿين سميت ستيش سان ٿيندو هو. اُن دوران ستيش جي شخصيت جي جهلڪ ڏسڻ جو چڱو موقعو مليو. سدائين مُرڪ چپن تي جڻ هر ڪنهن تي حاضر جانيل.

گانڌيڌام جي برپا ڪندڙ ڀائي پرتاپ جون يادگيريون ونديندي هُن ٻالهه ڪئي ته جڏهن سندس اسڪول ۾ ماستريءَ لاءِ فيصلو ٿي رهيو هو ته ڪن ڪاميٽيءَ جي ميمبرن مون کي مئٽرڪ جو اسڪيل ڏيڻ جي ٻالهه ڪئي، پر ڀائي پرتاپ سندس هنديءَ جي امتحانن کي پاس ڪرڻ جي بدولت اهو رايو رکيو ته هنديءَ ۾ ته ستيش جا ايم. اي. تائين امتحان پاس ڪيل آهن پوءِ ڪيس مئٽرڪ جو اسڪيل ڇو ٿو ڏنو وڃي، ڪيس گهٽ ۾ گهٽ گرئجيوئيٽ جو اسڪيل ته ملڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح ڀائي پرتاپ جي انصاف پسند رويي کي اُجاگر ڪيائين. ٻيو پڻ هڪ واقعو بيان ڪيائين ته جڏهن هو ڊاڪٽوريٽ

اُنهن وٽ وڃي اُنهن سان ملاقات ڪري پئسا گڏ ڪرڻ جو ڪم ڪندا هئا. تقرير جي دؤران مون محسوس ڪيو ته ستيش کي اهڙو انوکو ڏانو آهي جو هو پيچيدي ۽ ڏکي ڳالهه پڻ سولن لفظن ۾ سمجهائي سگهڻ جي طاقت رکي ٿو ۽ ڏکي ڳالهه پڻ 'عام فهم' ٿي وڃي.

هتي سندس اصلوڪي سوچ ۽ نرالي ڍنگ جو مثال ڏيندس. گهڻو ڪري سنڌي ميڙن ۾ ليڪچر ڏيندڙ هڪ ڳالهه جو روئڻو روئندا آهن. 'سنڌين ۾ ايڪو نه آهي. سنڌين ۾ ايڪتا جي ضرورت آهي ... وغيره'. منهنجو اڪثر اهو خيال رهيو آهي ته اِهي شخص اڪثر سياسي ۽ سماجي اڳوانيءَ جا سڌريا هوندا آهن جن کي پوئلڳن جي ضرورت هوندي آهي. ستيش هن ڳالهه کي اُبتو ڪري پيش ڪيو، 'جي هر سنڌي شينهن آهي ۽ شينهن جهنگل جو بادشاهه آهي جيڪو اڪيلو شڪار ڪندو آهي. ڪمزور جانور رڍون، ٻڪريون جُهنڊ ۾ گڏ ٿي رهندا آهن. ٻه سنڌي هڪ ئي ٻيلي ۾ نه رهي سگهندا، ڪين جدا جدا جهنگل گهرجي. ڪين اڳ ۾ بادشاهت گهرجي.' بس سڀ ٻڌندڙ پاڻ کي بادشاهه ڀائي تاڙيون وڄائڻ لڳا. اهڙي انوکي سوچ ۽ انداز بيان هوندو هو ستيش جو. سندس چپن تي سدائين مشڪ پر مجال آهي ته ڪنهن کي جاڻ پوي ته سندس من اندر ڇا هلي رهيو آهي.

سندس مرڪ ۽ نفيس طنز جو هڪ محفل ۾ مثال ڏنم. محفل شخصي هئي ۽ ڪن دوستن جي هئي. وهنوار موجب سيني گلاس ڪنيا، پر مکيه مهمان لکمي ۽ ستيش نابري واري ويٺا، ميزبان ۽ دوست پريشان. آخر ڪنهن جيون ستيش کي نان الڪولڪ (Non alcholic) بيئر ڏيو. ستيش رُکي چيو 'توهان سمجهو ٿا ته ڪنهن ٻئي مون کي شراب پيئڻ کان روڪيو آهي. جي پيئڻو هوندو ته الڪولڪ ئي پيئندس. توهان چنتا نه ڪريو. توهان مون کي سيون اَپ ڏيو ته سڀ 'چيئرس' ڪريون. هاڻي جڏهن 'انگريز' اندر وڃي ته زبان طاقتور بڻجي. چپ سٽارٽر ڪائڻ سان گڏ تيز رفتار سان چرڻ لڳن. محفل

جيڪا ڳالھہ ھُن خوشيءَ سان قبول ڪئي. ھُن مھاڳ ڪي سِرو پڻ ڏنو، اُھو ھو 'موھن گيھاڻي - ويچارڪ ليکڪ ۽ ساھتيڪار'. اڄ سوچيان ٿو تہ اھي صُفتون تہ ستيش سان تُز نھڪي ٿيون اَچن. ھو Visionary ھو. اَڳتي بابت نڄ سوچ رکندو ھو. تخليقي ليکڪ پڻ ھو (جنھن بابت ٻيا لکندا) خاص ڪري سندس ڪھاڻيون خوب ماڻيون ۽ پاٺڪن ۾ مقبول ٿيون. ھو ھڪ ادبي نقاد طور پڻ اھم جاءِ حاصل ڪري سگھيو. ھميشه چوندو ھو تہ 'منھنجا نقاد جا ننھن تکا آھن'. ھُن منھنجي ٻن ڪوتائن جي ڪتابن جي سمالوچنا ڪئي ۽ اُن ۾ ھڪ ئي شڪايت ظاھر ڪيائين تہ ڪوتائن ۾ ٻار جو ڪردار تہ آھي پر ٻار جا آبشاري ٺھڪ موجود نہ آھن. (لفظ منھنجا آھن پر مطلب اھو ئي ھوندو ھو) اُن ھوندي پڻ جڏھن اھو ڏسڻ لاءِ تہ منھنجي ڪوتا ايندڙ پيڙھيءَ تائين ڪيئن ٿي پھچي، مون 'رڻ پٽ' ۾ ڪوتا جي مجموعي جو مھاڳ ومي سدارنگاڻيءَ کي لکڻ لاءِ چيو، ھُن جي آناڪاني ڪرڻ تي اھو ستيش ئي ھو جنھن ڪيس مھاڳ لکڻ لاءِ مڃايو.

ھُن جي دل ۾ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي آئيندي بابت اُلڪو ھو ۽ ھُن ھڪ اَھڙي راھہ ڏسي جنھن راھہ اپنائڻ سان سنڌي ٻولي ھندستان ۾ بچي سگھي ٿي. ھُن سنڌي سماج سامھون ٻولي ۽ ڪلچر جي حوالي سان باءِ پاس (By Pass) جو خيال پيش ڪيو. جھڙيءَ طرح انسان جي دل جون ناريون ڪنھن سبب ڪري سُسي ويندي‌ون آھن يا ڪنھن نموني پرجي ويندي‌ون آھن تہ سرجن دل جو آپريشن ڪري دل ۾ رت ٻي ناريءَ مان پھچائيندا آھن جنھن کي By Pass Surgary چيو ويندو آھي. اَھڙيءَ طرح ھڪ ڀاشا وگيانيءَ طور ھُن کي قدرتي اصول جي ڄاڻ ھئي تہ انسان ڀرين ٻولي سکندو آھي ۽ اُن معرفت ھڪ ثقافت (Culture) اپنائيندو آھي. اڄ جي سنڌي جاتيءَ جي حالت (ھندستان جي حوالي ۾) ڏسندي ھُن اھو اصول سامھون رکيو تہ ڀرين سنڌين کي سنڌن ڪلچر سان وابستہ ڪجي ۽ پوءِ ڪلچر معرفت کين ٻوليءَ طرف وٺي وڃجي.

ڪري رهيو هو تہ ياڻي پرتاپ سان ڪنهن ميڙ ۾ ملاقات ٿي هئس ۽ اُتي ڪانئس سندس ڪوجنا بابت ڄاڻ حاصل ڪيائين، پوءِ پنهنجي گهر وٺي ويس ۽ سمورو احوال ورتائين. اُن دؤران ڪيس ياڻي پرتاپ ايجپٽالاجي (مصر جي علم بابت) حيرت انگيز ڄاڻ ڏني. (ممڪن آهي تہ ايجپٽالاجيءَ بابت سوچيندي هُن جي من ۾ نيم شعور سطح تي سنڌالاجيءَ جي تصور جو ٻج پيو هُجي). اُهي تہ ٿيا ياڻي پرتاپ جي شخصيت جا پهلو جن بابت ڪيس شخصي آزمودو هو.

هن ئي سلسلي ۾ جڏهن پريتم ورياڻيءَ سان ڳالهہ ٻولهہ ٿي، هُن چيو تہ ورهاڱي کان اڳ هو راشٽريہ سيوا دل ۾ (ڪانگريس جو والنٽيئر جٿو) ويندا هئا ۽ اُتي ئي هن، ستيش ۽ ڀڳوان ابيچنداڻيءَ هڪ سيوا منڊلي ٺاهي، سماج شيوا جو ڪم شروع ڪيو هو ۽ هو پاڻ ۽ ڀڳوان اَبيچنداڻي آديپور پهچي ويا هئا تہ هُنن ستيش کي پڻ هتي گهرائي سماج شيوا جو ڪم جاري ڪرڻ جو سوچيو ۽ اهڙيءَ طرح ستيش پڻ گانڌيڌام پهچي ويو. پريتم ورياڻيءَ جي همٿائڻ تي ستيش اُتي ئي پرائيوٽ مئٽرڪ جو امتحان ڏنو ۽ اَهڙيءَ طرح هو اڳتي وڌيو ۽ آخر ڊاڪٽوريٽ ڪيائين. ستيش جي ڄاڻ جو ذريعو هندي ٻولي رهي ۽ منهنجي خيال موجب اُها هڪ قسم جي راشٽريہ محدودگي هئي، جيڪڏهن انگريزيءَ جي سني ڄاڻ هجيس ها تہ هو انتراشٽريہ سطح تي اُڀري سگهي ها، اَهڙيون خوبيون منجهس هيون. ڪنهن وقت جڏهن مان آديپور آيو هوس تہ هُن مون کي نئشنل ٽرانسليشن مشن (مئسور) جي پراجيڪٽ رپورٽ انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ ڏني. هندستان جا ڪيترا مشهور ڀاشا وگياني سندس شاگرد رهي چڪا هئا ۽ معتبر عهدن تي هئا ۽ هو ڪيس عزت جي نظر سان ڏسندا هئا.

١٩٩٩ ۾ منهنجو پهريون مضمونن جو ڪتاب بمبئيءَ جي بيست سنڌي سيا پاران پئي ڇپايو ويو ۽ مون ستيش کي اُن جو مهاڳ لکڻ لاءِ چيو



غزل / واسديو موهي

ڪھڙا حساب ٿيندا، احساس ويسرا هئا،
پنھنجي ملڻ ۽ وڇڙڻ تي لُڙڪ ڪيترا هئا.

رشتن جي ڳالھ ٿيندي رهندي ڪڪر بہ وسندا،
بن بن ۾ ڀٽڪي ميران، ڪنڊن سان پيچرا هئا.

پيالو بہ پيتو ميران، ڪورو رهيو اَندر پر،
ڪرشڻ جي ڀاونائن ۾ ڪيئي پيترا هئا.

پنھنجي قدم قدم تي، مان خود بڻيس رُڪاوٽ،
ڀڳوان گڏ هليو پئي، رستا بہ ويڪرا هئا.

هر ساھ هڪڙو موقعو، هر موقعي جي ڪھاڻي،
هڪ زندگيءَ ۾ حاصل، جيون تہ ڪيترا هبا.

اَک ۾ تو سمنڊ ڌاريو، قائم اُسات منھنجي،
اِئن لُڙڪ تنھنجا اکِ ۾، ڪارا نہ ايترا هئا.

سنڌوءَ جي لھر ۾ ورَ، ڦيرا نہ گهيرا ايڏا،
منھنجين رڳن ۾ وهندڙ، اُڏمن ۾ جيترا هئا.

A-355, Nayan Nagar,
Sahijpur Bogha,
Ahmedabad - 382345

اَسان اهو محسوس ڪيو آهي تہ سنڌي سنگيت ٻڌڻ اچن ٿا، سنڌي ناٽڪ ڏسڻ اَچن ٿا، سنڌين جو پيڙهيءَ ۾ چاهہ آهي، پوءِ پل سنڌن ٻوليءَ ۾ دلچسپي ۽ ڄاڻ گهٽ هُجي، سو ڪين وڏيڪ سانسڪرتڪ طور بيدار ڪجي ۽ اُن معرفت انهن کي ٻوليءَ طرف ڇڪجي. اڄ اسان اليڪٽرانڪ ۽ سوشل ميڊيا ۾ هن طريقي جي ڪاميابي پاڻ ڏسي سگهون ٿا.

شخصي طرح ستيش عقل پرست هو. هو ڌرمي وهمن گمانن کان آجو هو، هُن جي روحاني دنيا، يا ٻي دنيا ۾ وشواس نہ هو، آخر ۾ جڏهن مان هُن سان گڏيس تہ هو نيڪ نہ هو. هُن مون کي پنهنجي بيماريءَ بابت علاج جي محدودگين ۽ مجبورين کان واقف ڪيو. (مان نٿو سمجهان تہ بيماريءَ بابت، هُن ڪا گهڻن شخصن سان ڳالهہ ڪئي هوندي. هو اُن وقت پڻ جسماني طور تڪليف ۾ هو، پر چيائين

'موهن دنيا ۾ پل ڪيترائي سور ڇو نہ هجن، پر هيءَ دنيا ڏاڍي سهڻي آهي. هيءَ دنيا ڇڏڻ تي دل ئي نہ ٿي ٿئي.'

پر دل بہ آخر سرير جو انگ ئي آهي ۽ سرير تہ ناسونت ئي آهي. پر سپنا ناسونت نہ ٿيندا آهن. هُن جو سنڌالاجيءَ جو سپنو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي آئيندي جو سپنو ڪڏهن ناس ٿيڻ جو نہ آهي، اهو منهنجو وشواس آهي.




مُبارڪون

شري صاحب ٻجاڻيءَ کي سندس ٻال ايڪانڪي ناٽڪن جي مجموعي 'مُنڊي ڪير پائي' ٢٠١٨ تي، سال ٢٠٢٠ (ٻال ساهتيہ) لاءِ مرڪزي ساهتيہ اَڪادميءَ جو انعام عطا ٿيڻ تي.

سنڌالاجي پريوار

غزل/سريچند دُبي 'جگري'



تنهنجو هيئڙ رُسڻ ٺهي نہ ٿو،
پيار ۾ بي وجهہ لُڇڻ ٺهي نہ ٿو.

ڌرتتيءَ جو اُس ۾ نڪرڻ،
پيري اُگهاڙو رُلڻ ٺهي نہ ٿو.

ٿوري ٿوري ۾ رُسي وڃڻ،
ڦوڪڻي وانگر سُسڻ ٺهي نہ ٿو.

پاپي پيٽ جي ڀرڻ خاطر،
ڳُڏامن کي کُهڻ ٺهي نہ ٿو.

چُپ ۾ چَپَ سُبي ڇڏڻ پنهنجا،
ڏُکَ ۾ ڪين ڪُڇڻ ٺهي نہ ٿو.

اوچتو ئي تنهنجو ڦليو وڃڻ،
برهہ جي باهہ ۾ ٻُجهڻ ٺهي نہ ٿو.

Meera Palace,
Ambica Nagar,
Opp. Siddh Hanuman Mandir,
Behind S.T.,
JUNAGADH - 362 002

غزل / روشن گولاڻي



جڳ ۾ جاءِ ٿو جوڙڻ چاهيان،
ڪوشش مان اِها ٿو ڪرڻ چاهيان!

ڦُرت تڪڙو ٿو هلي زمانو -
گڏ گڏ تنهن سان ٿو هلڻ چاهيان!

مؤسم موجب ڪم ڪرڻ جڳائي،
هر ڪَمُ، ٻالهہ سا، ٿو چوڻ چاهيان!


وقت کي ولوڙيان وينو مان -
سچ جو مکڻ ئي ٿو ڪڍڻ چاهيان!

اُس ۾ چانوَ جو ڪيلُ هلي هت،
اڪ چنبي ۾ سا، ٿو ڏسڻ چاهيان!

صاف نظر جي، 'روشن' ٿا رکن،
ياري تن سان ٿو ڪرڻ چاهيان!

No. 1, Aditya Bunglows,
Inside Prem Prakash Ashram,
Noble Nagar P.O. Kubernagar
Ahmedabad - 382340
E-mail : roshangolani@yahoo.com

غزل/ لڪشمڻ دُبي



سياهہ راتين ۾ ڏِئي جو سوجهرو آ شاعري،
روشنيءَ جو ڪو عجب چڻ پيچرو آ شاعري.

دل زماني ۾ لڳڻ ممڪن نہ هو تنهنجي ڪري،
ڪو ڪري پيو مئڪشي منهنجو نشو آ شاعري.

ڪير مون ۾ پيو وسي منهنجي علاوه شخص ٻيو،
ڪنهن قديمي راز جو جڻ ڪو پتو آ شاعري.

پل ھجي دنيا توھان وٽ، عيش ۽ طاقت ھجي،
مون مُنل مسڪين جو پڻ آسرو آ شاعري.

هر مڪمل سَچُ ٻَڌَڻُ ڪنهن شبد ۾ سوکو نہ آ،
بي زبانيءَ جو عجب ڪو ذائقو آ شاعري.

هيءَ اُداسي، درد چاهي ڪو تہ سمجهائي مونکي،
ڪنهن پراڻيءَ ياد جو جڻ سلسلو آ شاعري.

309/C Natashah Society,
Opp. Old Petrol Pump
Mira Bhayander Road,
BHAYANDER, (E) Mumbai - 401105



غزل / گوبند ريجھواڻي ’آنند‘

مِلي آھہ ڪَرمن سان، جِن کي غريبي،
پَجَنِ دوُرِ تِنِ کان، پَراوا - قَريبي

رڳو ٺوڪرون ٿِيون، مِلن تِنِ کي جِتِ ڪِٿِ،
ڇَڏي تِنِ جو پاڇو، نَہ ٿي بَدِنصيبي.

جيئَڻُ پيو وَڏي ڪِينَ ٿو تِنِ کي جَڳَ ۾،
لَڳي تِنِ کي بي رَسُ، سَڄي زندگي پِي.

پَوَنِ ٿي جي بيِمار، لاچارُ بَڻِجَن،
سَگھن ٿا وَٺي ڪِينَ سُکُ ڪو طَبيِبي.

نَہ آ ڏوڪڙَنِ جي، ڪا جَنھن وَٽِ گُنجائش،
ڪَري قياسُ ڪوئِي نہ اُنَ تي ذري پي.

غريبَت ۾ ماڻھوُ، لَڳي ٿو اَپالو،
ڪو وِرلي نِيائي، ٿو رِشتو حَبيِبي.

مِلي ساٿُ سَھِڪارُ، ڪَنھن جو نَہ تِنِ کي،
لَڳي تِنِ کي دُنيا سَڄي ٿي رَقِيبي.

ڇَيو سچ آ وَڏِڙَنِ، غَريبَت آ لعنت،
ڪَيون مِنَتَ رَبَ کي، نَہ ڏِج تون غَريبي.

حَبيبي - دوستانا يا پيار ڀريا، رقيبي - دشمنيءَ سان ڀريل

B. 203, Dev Darshan Residency,
Near Sai Tirth, Palanpur Road,
Adajan, Surat (Guj) 395009
Mob : 6359684259



غزل / اَرجن چاولا

مان ڪڏهن نهندو، ڪڏهن ٻهندو رهان ٿو!
ڪجهه نهي هيڪر ٻَهان ٿو، پوءِ نهان ٿو!

موت ايندو جڻ مري ويندس نه سمجهو
وقت جو ئي وهڪرو بڻجي وَهان ٿو!

زندگي هڪ سلسلو آهي اَنادي
مان رڳو هڪڙي ڪَڙي بڻجي رهان ٿو!

مون اڪيلو زندگي ماڻي ڏني آ
تنهنڪري ئي پيڙ ڪان ايڏو نهان ٿو!

ڪنهن ته مجبوري مونکي ماري وڌو آ
چپ سُبيل، نظرون جهڪائي سڀ سهان ٿو!

منهنجي خاموشي به آخر ڪجهه چوي ٿي
نيٺ دل جي ڪا ڪهاڻي ئي ڪَهان ٿو!

منهنجي اک محتاج ناهي روشني جي
توکي اونده ۾ به مان ڳولهي لهان ٿو!

ڪئن به صحرا کي نه آ سيراب ڪرڻو
بوند آهيان، بس انهيءَ ڳڻتيءَ ڳهان ٿو!

گهر ۾ جي چوڳو ملي ها، ڇو ڦسان ها؟
پيٽ جي صدقي ڦاهيءَ ۾ ڦهان ٿو!

هير جو جهونڪو جڏهن مون کي ڇُهي ٿو
اِئن لڳي ٿو جڻ ته مان توکي ڇهان ٿو!

6/198, Street No. 1
Nai Basti, Aligarh-202001 (U.P.)
Mob. 9759500081

غزل / نامديو لاڏلا



اَکين ۾ اڄ آبُ آهي
نُنڊ دِل جو خوابُ آهي

قُربَ جا قافيا لِکيا جي
جُڙي ويو ڪِتابُ آهي

مُحبت جي هَن راهہ ۾
لُڇڻ پُڇڻ ثوابُ آهي

نِينهن ۾ هِن نازَ ڪيڏا
مُرڪ ۾ بہ حِجابُ آهي

نِگاهن ۾ هَن فاصلا
دِل مگر بيتاب آهي

وَفائن ۾ بي وفائي
دوکو بي نقابُ آهي

زندگيءَ جي جوڙڪَتَ ۾
دَردَن جو حِسابُ آهي.

O, - 103, Pushkar Houses
Nr. Pragati Park Society,
Nana Chiloda, Ahmedabad - 382340
Mob : 9925285537

غزل / پرسو ناٿاڻي



ايڏو ويجهو، ايڏو ڏاريو
پنهنجائيءَ ئي ويتر ماريو

سُڏڪا سُڏڪا ٻولي ڪنهنجي
روئي اَڄُ ڪنهن، هنياءُ آ ٺاريو

جاٽي واٽي پاڻُ لڪائي
ڪنهن ويهي پاڻ کي گهاريو

ساري ساري ڇڏيو وساري
ناحقُ اڄُ مون وري آ ساريو

پهرو ايڏو آخر ڇو آ
رشتو پنهنجو، پنهنجن ڪاريو

اِنسانيت آ اهڙي کهڙي
مِرو ٻڻي آ من کي ماريو

پريت جي ريت بہ آهي عجب جي
پريت وڏائي، پريت کي واريو.

S-5,
Kajal Shikhar Complex,
Vijay Nagar, Lal Ghati, Bhopal
Mob : 9302369729



غزل / ديوي ناگراڻي

هيءُ ريت جيان پُريل پُريل هن جو محل لڳي،
اَهڙي زمين کا ھُجي ڪِسڪي نہ جا وڃي.

ويچار ئي تہ آهہ جو ڪنهن سان نٿو ملي،
غم ۽ خوشيءَ سندي ڪچي ديوار پل ڪِري.

داروءَ، دوا، مَلم، سُتي بس لفظ ئي رهيا،
هيءُ منهنجو درد آهہ جو ڪنهن سان نٿو ڇُٽي.

گهر تنهنجي نانگ آ گهڙيو، اُتي پنهنجي لٺ هلاءِ،
پاڙيسريُن جي لٺ ڪٽي ڪيئن کو بچي سگهي؟

صحرا تتل تتل، نہ اچا پاڻي هڪ ڦڙو،
دل جي ھُبس اُنهن جيان ڏينهن رات پئي وڌي.

تن جي غفا ۾ بند آ منزل جو ديوي دڙُ،
رهبر ٻڌائي من کي جو، پهچي اُهو سگهي.

USA - 480 W Surf Streets
Elmhurst IL 60126
Email :dnagrani@gmail.com
M : 9987928358

(۷) اِنسان آهي - برابر آهي
جيئن هجڻ کپي تيئن بچيو ناهي
هاڻ سمجهي سمجهائي ڪونہ سگهندو ايشور بہ بڙهيا

(۸) اِنساني پرارٿنا تي پڳوان وري اِنساني جوُڻ ۾ پرگهٽ ٿيو
اَوتار، مُلڪ، مُلڪ جا والي، موالي، ماڻهو، شريف ڏسي
ترت واپس ديوتا - جوُڻ ۾ هليو ويو بڙهيا

(۹) ڪلهہ سج جي شاهديءَ ۾ خواهشن آپگهات ڪيو
صبح ويس نديءَ ڪناري تازو ٿيڻ
سنيري بينيون هيون گڏ هلڻ لاءِ خواهشون بڙهيا


(۱۰) تو نيڪ ٻڌو - وري اِنسان ٿيڻو آهي
کهڙيءَ اَچي توکي کُٽيءَ ڪنيو آهي
مادِرن رئيس زندگيءَ جي هرڪا سهوليت تو وٽ بڙهيا

(۱۱) تو نيڪ ٿي ٻڌو آهي - انسان ٿيڻو نہ آهي
پوءِ تہ سڀ سولو آهي، پنهنجي قيمت لڳاءِ
اَڏجي ويندين خُلاصي بنگلي جيان، بڙهيا

(۱۲) اندر تہ توکي اچڻو ئي پوندو ڪال دادا
ويهہ، بہ پيگ ماري وٺون
دير سان ئي سهي وٺڻ آيو آهين سائين! بڙهيا

(۱۳) لاريءَ جا گرما گرم سموسا
ٿتپاتي خوشبوُ پريل مني ڪڙڪ ڪم شڪر اَدرڪ واري چانهہ
بس هڪ بيڙي ڏُکائي وٺان ٺان سان بڙهيا.

E-68/1050.
Krishnanagar, Sahijpur Bogha,
Ahmedabad - 382345, Mob : 814693796



نندڍيون ڪوتائون /پريم پرڪاش

(۱) ٻُڍي جي چهري تي لڪيرون ئي لڪيرون، چون قيمتي آزمودا
ٻڍو ناخوش! هڪ ماني خريد ڪري ڏيندا اِهي سڀ ملي؟
ٻڍو ڪٽي ويو سڀ آزمودا شمشان ۾ ٻڙهيا

(۲) ويم سان گڏ ماءُ جي دل ۾ هڪ ڪندو فِٽ ٿي وڃي
اِن جي سِگنل - احساس سان ماءُ کي هر وقت ٻار جي سلامتيءَ جي خبر پوي
ڪٿي به هجي، کهڙي به عمر، ماءُ جي هِنياءَ ۾ ڪُنڊو رهي هر وقت ٻڙهيا

(۳) چوپاٽي ڪُلفي ڳري پيئي، هينان ٻڪ جهليو اَتم
تنهنجي ماءُ جي 'ٻڌو ٿا' ٻڌڻ لاءِ سالن کان وينو آهيان
عمر سان گڏ لفظ به لرزن ٻڙهيا

(۴) هن محلي جا ماڻهو شريف آهن
گار، غصو، پِٽ، پاراتو، شڪايت، ڌمڪي، پٿر بلڪل نه
گهر جي ٻاهرين ديوار تي چِٽي ويا منهنجو چهرو ٻڙهيا

(۵) هوُ گار وانگر اکيون ڏيکارين ته اسين شرم ڪريون
اسانکي شرم آهي پنهنجي شرافت تي
اسانکي شرم آهي پنهنجي چُپ تي ٻڙهيا!

(٦) هر ڳالهه تي تو کِلي پوين
هر ڳالهه تي تو روئي پوين
سهج سرل تنهنجي اندر جا اوزار ٻڙهيا



منهنجون دعائون

اِتفاق سان هو مون سان ٽڪرايو
ڇُهاءُ هُن جو مونکي سُڃاتل لڳو
خوشبو هُن جي جسم جي
منهنجي روح کي هرڪايو
نيرُ اڄُ ٻه هُن جي اکين ۾ تري پيو
اُف هو عالم ...
۽ منهنجو خاموش بيهي رهڻ.

اَچانڪ ڪُجهہ تارا ٽُٽي
جهول ۾ منهنجي اَچي ڪِريا
اُها شام مون تي ڳري گذري
جسم کي اورانگهيندي
هوُ روح ۾ منهنجي سمائجي ويو
اوجهل ٿي ويو منهنجي اکين اڳيان.

تمنا جي عمارت ڍهي پئي
بس ڪجهہ گل هئا مرجهايل
خواب سُمهي پيا خيال جاڳي پيو
گَڏُ هُن سان مهينا سال جاڳيا
عمر منهنجي هڪ عمر جو پيڇو ڪيو.

هاڻي اِهو عالم آ
بي زبان ڏينهن ۽ راتيون
خاموشي ۾ آهي هڪ عبادت
گُهران ٿي توکي دعائن ۾
منهنجون دعائون ٻه توکي
پيار ڪنديون آهن.

28, Scheme 78/II
Vijya Nagar,
Indore - 452010

ڪوتا / لعل هوتچنداڻي



اُگهاڙا اِنسان

اِنسان جنم کان
پتريگ تائين
اُگهاڙا رهيا آهن
وقت جي سيپتا
هنن جي ننگي بدن کي
ڪپڙن سان ڍڪي
اَڄ آريه مان، آريه ٻڻائي
سندن نراڙ تي
نيڪ انسان جي مُهر لڳائي
پر اڄ وري انسان
ساڻ پڇ، سوارٿ خاطر
هڪ ٻئي جا ڪپڙا ڦاڙي
وري اُگهاڙا ٻڻجي
پتريگ طرف
ڏڪجي رهيا آهن
سچ آهي، اڄ جا انسان
نوان نوان ڪپڙا پاتل
هوندي به
اُگهاڙا ئي لڳندا آهن.

'Aashiana' B-31, Apnanagar
Gandhidham-370201,
Mob. -9106631692

ڪوتا / وينا شرنگي



تواريخ جي ڪروٽ

تواريخ جي ڪروٽ سان
زماني جي گردش سان
ڪئي قومون ۽ هستيون
مٽجنديون رهيون
اُڀرجنديون رهيون
ڪمال ۽ زوال جي چڪر ۾
پيڙجنديون ۽
پسجنديون رهيون
پر ... جا قوم،
وقت جي ستمظريفي
سان گڏ
پنهنجن جي هٿان
لٽجندي رهي
ڪُسجندي رهي،
سا ... مون ڏٺي ... تو ڏٺي
پر اُنکي ...
ڏنو اَڻ ڏنو ...
تو ڪيو ... مون ڪيو
گڏ زماني پيي ڪيو.

لوڪ اَدب جي هڪ صنف / مرلي گوونداڻي



سکڻ ۾ شرم ڀلو
ڪرڻ ۾ ڪرم ڀلو
سمجهڻ ۾ مرم ڀلو
پالڻ ۾ ڌرم ڀلو
اِهي چارئي توکي ڀلا
تڪا چارئي روکي ڀلا.

پيري جو شينهن ڀلو
ساوڻ جو مينهن ڀلو
ٻهار جو ڏينهن ڀلو
يارن جو نينهن ڀلو
اِهي چارئي توکي ڀلا
تڪا چارئي روکي ڀلا.

سون کي تپائڻ ڀلو
ناٽي کي لڪائڻ ڀلو
گهرن کي سجائڻ ڀلو
جل کي بچائڻ ڀلو
اِهي چارئي توکي ڀلا
تڪا چارئي روکي ڀلا.

نار جي نزاڪت ڀلي
مرد جي شرافت ڀلي
نندڻ جي شرارت ڀلي
وڏن جي هدايت ڀلي
اِهي چارئي توکي ڀلا
تڪا چارئي روکي ڀلا.

وڻن تي پينگهه ڀلي
مينهن جي ڦينگ ڀلي
هوليءَ ۾ پينگ ڀلي
نينهن ۾ اينگهه ڀلي
اِهي چارئي توکي ڀلا
تڪا چارئي روکي ڀلا.

باغ تہ سائو ڀلو
کير تہ ڳائو ڀلو
مندر ۾ ٻائو ڀلو
ٻار تہ ڏاهو ڀلو
اِهي چارئي توکي ڀلا
تڪا چارئي روکي ڀلا.

تَن جي تراوت ڀلي
من جي صداقت ڀلي
ڌن جي ضمانت ڀلي
اَن جي حفاظت ڀلي
اِهي چارئي توکي ڀلا
تڪا چارئي روکي ڀلا.

ڳوٺن ۾ مور ڀلو
جهنگلن ۾ ڍور ڀلو
طاقت لاءِ ڪونئر ڀلو
ڌاڪن ڪان چور ڀلو
اِهي چارئي توکي ڀلا
تڪا چارئي روکي ڀلا.

S.A.X. - 34, Adipur
Mob. 8849603995



ڪوتا / گيتا گوڪلاڻي

دل سان جڙيل رشتا
رَت سان ڳنڍيل رشتا
جيئندا آهن پنهنجي حياتي
ڪڏهن ڪڏهن غلطفهمين جي
ڪئنچيءَ سان ڪٽجڻ لڳندا آهن
اُڌڙڻ لڳندا آهن
ڦاٽڻ لڳندا آهن
تِن کي وقت سِر وقت سبڻو
پوندو آهي
پيار ۽ وشواس جي ڌاڳي سان.
ٽوپو هڻڻو پوندو آهي
پنهنجائپ جي سڳي سان.
اوٽي ڏيڻي پوندي آهي
ڳالهه ٻولهه جي سُئيءَ سان.
رفوُ ڪرڻو پوندو آهي
مانَ سنمان ۽ عزت جي ڌوري سان.
هر رشتي کي سبڻ لاءِ، جوڙڻ لاءِ
زندهه رکڻ لاءِ
اَحساس جي سَرائي ڪرڻي پوندي آهي
پر نه، اڄڪلهه پاوناڻن جا سڀ
پڪا ڪانه آهن
توهان ڪنهن به ڌاڳي سان رشتن کي
سِبو
اُهي ڪچا رهجي ئي ويندا آهن.
پر هاڻي ڏٺو آهي مون ته
پئسي جي سُئيءَ ۾
مطلب جي ڌاڳي سان
سِبيل رشتا پڪا ٿا ٿين
اُهي ڦاٽن نٿا، اُڌرن نٿا.

'Farhat', A-4, Nehru Nagar,
Nr. SAin Baba Temple
Ajmer - 305003
Mob : 7665533701



اَندر جي پاڻيءَ ۾ هڪ سُپني جي آهٽ

سڀ آهستي آهستي وڃن پيا ٿا - سڀ ڄاڻن ٿا، ٽائيم ويجهو آ، ڪڏهن به ٿي سگهي ٿو، پر ڪو به نٿو رُڪجي. ويهن ڏينهن جو انتظار ۽ هو سوچين ٿا، نه ڄاڻ ڪڏهن ٿيندو؟ ٻارهان مهينا پورا ڪندينءَ ڇا؟ ڪو ڪو طنز ۾ ٿو چوي ۽ سڀ کِلن ٿا ... ايتري وڏي فئملي، گهٽ ۾ گهٽ سٺ ماڻهو هوندا. آهن ته سيني جا گهر ۽ چُلهيون الڳ، پر سوچُ اُهو ئي گڏ رهڻ وارو. ڪنهن جي گهر ڇا ٿي رهيو آهي؟ ڇا رڌو اَٿن؟ ڪيرُ بيمار آ؟ ڪنهن جي نونهن ڪيڏي مهل سُمهي اُٿي؟ ڪنهن جي ماني سُٺي نه ٿي ۽ سسُ سان تڪرار ٿي پيُس؟ ڪيرُ متي تي رئو رکيي بغير سهُري جي سامهون نڪري ويئي ۽ هُن ويچاري کي پنهنجيون اکيون پري ڪرڻيون پيون ... سيني کي سڀ پتو آهي. صبوح اگر جلدي ڪنهن جا وار ڌوتل هُجن ته سمجهه ۾ اَچي ويندو هوِ، رات ڇا ٿيو آهي تڏهن هو اِشارن سان کلنديون کِلائينديون، پُڇنديون، ’رات تون ڊُڪندڙ گهوڙي تي چڙهي هُئينءَ؟‘

هوءَ شرمائجي لال ٿي ويندي، سڀ کلڻ لڳنديون ... مونکان جڏهن پهريون ڀيرو هي سوال ڪيو ويو ته مون اُلٽو هڪُ بيوقوفاڻو سوال پُڇي ورتو ’ڪهڙو گهوڙو؟‘ هوُ ايترو کِليون جو ڌرتيءَ تي لوٽ پوٽ ٿي ويون. تڏهن کان مونکي پئُه لڳڻ لڳو هو. جيترا ڏينهن وڪي هتي هوندا هئا، منُ ٿيندو هو ته رات جو ئي وار ڌوئي سُڪائي وٺان، جئن صبوح جو هنن کي کلڻ جو

آزاد نظم / ونود ڪمار ليڪاڻي



چِتِ چورُ

ڪو تہ آهي چتچور
جنهن آ منهنجو چت چورايو

١. اکين ۾ اُداسي
من ۾ مونجهارو
دِل ۾ ڏک ڏک
شرير ۾ ڏک ڏک
ڪو تہ آهي چِتِ چورُ
جنهن آ منهنجو چت چورايو.

٢. نہ ننڊ نہ آرام
تہ بہ سپنا ئي سپنا
دور گگن ۾ چمڪن تارا
تارن وچ چنڊ چڪور
ڪو تہ آهي چِتِ چورُ
جنهن آ منهنجو چت چورايو.

٣. اکين ۾ آهين تون ئي تون
من منهنجي ۾ تون ئي تون
دل ۾ آهين تون ئي تون
ڏک ڏک ۾ آهين تون ئي تون
ڪو تہ آهي چِتِ چورُ
جنهن آ منهنجو چت چورايو.

٤. منهنجو مينڌڙو تون ئي تون
پنهل منهنجو تون ئي تون
راڻو بہ منهنجو تون ئي تون
رانجهن منهنجو تون ئي تون
ڪو تہ آهي چِتِ چورُ
جنهن آ منهنجو چت چورايو.

٥. مجنو منهنجو تون ئي تون
عمر بہ منهنجو تون ئي تون
جام بہ منهنجو تون ئي تون
جوتِ جيون جي تون ئي تون
ڪو تہ آهي چِتِ چورُ
جنهن آ منهنجو چت چورايو.

"Shakuntula"
8- Gaikwadi Plot,
Rajkot - 360001

آهي. ڪو به اڪيلو نه هوندو آ. اِهو ئي ٿيو. مان ڪڏهن اڪيلي نٿي رهي سگهان. جڏهن وڪي شهر کان ٻاهر رهندا هئا تڏهن به نه. اڪيلي ٿيڻ لاءِ مونکي اڌ رات جو انتظار ڪرڻو پوندو هو، جڏهن مان پنهنجي ڪمري ۾ وڃي سگهان. مون پنهنجي نراڻ کي پاڻ سان شُمارڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، جيڪا پنهنجي پاءُ جي غير مؤجودگيءَ ۾ پنهنجيءَ پاپيءَ سان سمهڻ چاهيندي هئي. هُن جي مؤجودگيءَ ۾ اگر مان رات ٻين بجي تائين پڙهندي هئس ته صبوح جو سڄي ڪالونيءَ کي خبر پئجي ويندي هئي. ايترو ئي نه، هوءَ پنهنجي پاءُ جا مونکي موڪليل پريم پتر چورائي نه صرف پڙهندي هئي بلڪ ڪُجهه غائب به ڪري ڇڏيندي هئي. مونکي ڏرُ ٿيندو هو ته هي ڇنيون گهر گهر نه پڙهيون وڃن. هتي ڪا به شيءِ پرسنل نه، بلڪ سڀُ سيني جو آهي. ڪپڙا، زيور، صابڻ، ٽوال سڀ. مونکي ته ڪيترا ڀيرا وڪي به ورهايل لڳندو هو. هڪُ ٽڪر ڪٿي ٻيو ٽڪر ڪٿي؟ هوُ ڪنهن کي 'نه' نه چوندا هئا ۽ سيني جي خواهشن جي وچ ۾ اُنهن جي پنهنجي خواهش جي ڪا قيمت نه رهندي هئي. صبوح ڇهين بجي کان رات ٻارهين بجي تائين ڪونه ڪو ايندو ويندو هو ... نه پنهنجي ڪل، نه پنهنجو روئڻ، نه پنهنجي ماني. لک ڪوشِشون ڪيون ته مان هنن سيني سان گُهلي ملي وڃان، آخر رهڻو ته هتي ئي آ، پر نه ٿيو ته نه ٿيو ...

هن سيني جي هلندي شاديءَ جي ٽئين سال جڏهن مان ڏينهن سان ٿيس ۽ سيني کي ڦهريون ڀيرو پتو پيو، سڄي پاڙي ۾ خوشيءَ جي لهر گهمي ويئي، واڌاين جو سلسلو شروع ٿي ويو - صرف مان ڪشمڪش ۾ هئس. مونکي ڪُجهه ٻيو کپندو هو، پر ڇا؟ مونکي ئي خبر ڪانه هئي. ايندڙ پوٽي لاءِ ممي سامان ڪٺو ڪرڻ لڳي. پيڪن مان منهنجي ماءُ، پاءُ کان خط لکائي موڪلڻ لڳي ... ڏُکندي ڏاڪڻ نه لهجانءِ، ڳرو سامان نه کڻجانءِ، وڏيڪ غصو نه ڪجانءِ وغيره وغيره. مونکي ڪنهن ڳالهه جو اثر نه پيو پوي. ٽن سالن کان مان اڪيلي پيئي ٿي جيان. نه، ٽن کان نه، جڏهن کان مان پئدا ٿي

موقعو نہ مليو. پر پوءِ لڳندو هو وار نہ ڏوئڻ سان بہ اُنهن جي جاسوسيءَ ۾ اُتسڪتا جو شڪار نہ ٿي وڃان. ڪٿي بہ چٺُن ڪونہ هو. ڪُجهہ ڪرڻ ۾ نہ ڪرڻ، ٻنهي جو جواب ڏيڻو ئي پوندو هو. شروع شروع ۾ مان اِنهن کي سڃاڻڻ ۾ ڀُل ڪندي هئس. سَهري جا ست ڀائر، ست سسون، اُنهن جون نونهرون، پوءِ ٻار ... منهنجا ته ڏير، بہ نراڻون، هڪ وڏي هڪ ننڍي. هيڏي وڏي برادري ... جيڪو اَچي سيني کان پهرين پيري پئُہ. سيئي سسون سڄو ڏينهن سماچار ڏيڻ وٺڻ هڪ ٻئي جي گهر موجود رهنديون هيون، هڪ ويندي ٻي ايندي.

’اڄُ پلي ۾ تئي جي ڀاڄي ٿاهي اَٽئي چا؟‘

’هيءَ ڊريس پيڪن جي اَٽئي يا وڪيءَ وٽي ڏني اَٽئي؟‘

’اَڄُ تہ اسان ڪڙهي چانور ٿاهيا آهن ...‘

’چا ڪيون ڀاڄيون ئي نٿيون وٽن ...‘

’اَچا؟ سلائي پڻ ايندي اٿئي يا ڪڙهائي بہ‘.

اِنهن سوالن جو جواب ممي (سسُ) ڏيندي هئي. هونئن اُنهن کي جواب جو فڪر بہ ڪونہ رهندو هو، توهان ڏيو يا نہ، هو بدستور چالو رهنديون. ڪڏهن ڪڏهن بہ بہ ٽي ٽي سسون گڏ ويهي ڳالهائينديون. ٻئي جي جواب سان اُنهن کي ڪو مطلب ڪونہ آهي ... ’اڄ ڪلهہ جون نونهرون‘ جيسيتائين چڱيءَ طرح اُنهن جو ’ڪيتاسرس‘ نہ ٿي وڃي، چپ نہ ٿينديون ۽ اِهو ٿيندو بہ گهٽ هو. جيئن ئي ڪڏ خالي ٿيندي وري پرجي ويندي هئي.

ڪاڪا پنهنجي گهر مان ڀاڄي ڪٽي اَچي، مٿي ڪٽي وڃي. ڪنهن کي اگر ڪا ڀاڄي نٿي وٽي تہ ’نو پرابلم.‘ ڪنهن سان بہ مٽائي اَچُ. اسانجي مانيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڇهہ ست ڀاڄيون هونديون هيون. مان ننڍي فئمليءَ کان آئي هئس. اَما بابي کي اڪثر چوندي هئي -

پنهنجيءَ ڌيءَ جي شادي وڏيءَ فئمليءَ ۾ ڪجان. مونکي ڏسُ، سڄو ڏينهن اڪيلي پئي هوندي آهيان. وڏي فئمليءَ ۾ رهڻ جو مزو ئي ٻيو

سچو ڏينهن ٻُڌندي آهيان تہ ضرورت پوندي آهي. هي بہ ٻُڌو آهي، لڳاتار هلندو رهُہ تہ تڪليف گهٽ ٿيندي آهي. سو پنهنجو ڪمرو صاف ڪري ورتو، ڪِچن صاف ڪيو. جڏهن دردُ لهر وانگر اُٿي پيو، هڪ خاص سمير ۾ تہ بيهي پئي رهان پِٽ جي سهاري، گذري پيو وڃي تہ ڪم ۾ لڳي پئي وڃان. هاسپيٽل ۾ سنان ٿي نہ سگهندو، سو وڃي سنانُ بہ ڪري آيس. ٽي ٿي ويا. وڃي وڏي نراڻ ڪي اُٿاريم، جنهن جي آسري ممي مونکي ڇڏي ويئي هئي. هوءَ اُٿي آئي، منهنجو مُنهن ڏسي چيائين ...

’اجا دير آهي. ايترو جلدي هاسپيٽل وڃي ڇا ڪنداسين؟ چانهہ ناهي پيءُ ۽ گهمندي رهُہ ...‘ هوءَ وڃي سُمهي پيئي.

مون بہ ڪلاڪ اجا گذاريا. سور ايترو وڏي ويو جو هڪ لهر پئي اُٿي تہ بيهي نہ پيئي سگهان، منهنجا گوڏا مُڙي پيا وڃن ۽ مان هيٺ پئي جُهڪي وڃان. سامهون پيٽُ نہ پيو جُهڪڻ ڏي، پنتائون پٽي. پنجي وڳي وڃي اُنهن کي وري اُٿاريو.

’تياري ڪئي اٿئي؟‘ اُنهن پڇيو ۽ باٿروم ۾ گهڙي ويا.

ڇهين بجي اسان رڪشا ۾ ويهي هاسپيٽل روان ٿياسين. درد جي لهر اُٿي پئي تہ مان رڪشا ۾ ئي ڇپ پيڙي مٿو هيٺ پئي ڪري ڇڏيان. هوءَ ٻڌائي پيئي ٿي، هڪُ پيرو هڪ عورت کي رڪشا ۾ ئي ٻارُ ٿي ويو. رڪشا واري هاسپيٽل جي سامهون وڃي رڪشا روڪي ۽ ڊُڪندو اندر وڃي سسٽر کي وٺي آيو. اُن سان گڏ آيل ٻي عورت اُنجو ٻار پڪڙي ويٺي هئي. نرسون اسٽريچر کڻي آيون ۽ اُنهن جي گهر وارن کي خوب گاريون ڏنيون. پوءِ رڪشا ۾ ئي ٻار جو ناڙو ڪٽي پنهي کي اندر وٺي ويون.

هڪ پيري اُنهن جي ڪنهن مائٽ کي ڪار ۾ ئي ٻار ٿي ويو، پوري ڪار رت سان لت پت. اُن سيٽ تي ويٺي ويٺي ٻار کي پڪڙي ورتو ۽ لڳي زور سان رڙيون ڪرڻ. ٻڌي ڪري مونکي پئُہ تو ٿئي. منهنجو ننڍو ڀاءُ اسڪوٽر تي پنيان پنيان اَچي پيو. اُن جو چهرو لٿل آهي. وڪيءَ جي ويندي وقت هُن وڏي عاجزيءَ سان چيو هو ...

آهيان. ٻاويهن سالن کان وڪيءَ جو ساٿ رات جي سُپني وانگر هوندو هو. صبوح جيستائين توهان اُن سُپني کي سڃاڻو، گهر جو روٽين توهان کي پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺندو هو...

ڏينهن گذرندي گذرندي آخر نوَ مهينا پورا ٿي ويا، ڪجهه ڏينهن وڌيڪ ٻه، تہ مميءَ کي هڪ شاديءَ جي سلسلي ۾ ٻئي شهر وڃڻو هو. هو منع ڪري سگهن پيا پر اُنهن کي ايترن ماڻهن جي هئڻ جو ايترو ڀروسو هو. صرف اُنهن جي غير موجودگيءَ سان ڪو فرق نہ پوندو. بقول اُنهن جي، هڪ ڀيرو هاسپيٽل وڃڻ کان پوءِ تہ سڄو ڪمُ نرسون ڪنديون آهن تہ هو رُڪي ٻہ ڇا ڪندا؟ هوُ هليا ويا. اَلبتا منهنجي ماءُ نندي ڀاءُ کي موڪلي ڏنو تہ ويم تائين اُتي هُجي، ڪهڙي خبر ڪڏهن ڪنهن شيءِ جي ضرورت پئجي وڃي.

وڪي آيا تہ ڏهہ ڏينهن رُڪيا، انتظار ڪندا رهيا. گهر ۾ سَسون حساب پيون لڳائين تہ ڏهون مهينو ختم ٿو ٿئي. ڇا ٿيندو؟ پوءِ هو ڀڳوان مٿئون ڇڏي ڏينديون. جيڪو ٿيندو، سنو ٿيندو. ڊاڪٽر وٽ وڃُ تہ چوندو آپريشن...

هو سڀ وڪيءَ کي چونديون...

’ڪيترا ڏينهن رُڪندين تون پنهنجو ڪمُ ڇڏي؟ نہ ڄاڻ ڪيتري دير آهي؟ پوءِ ٿي تہ عورتن جو ڪمُ آهي، تون ڇا ڪندين؟ تنهنجي زال ڏاڍي بهادر آهي، ڪري وٺندي.‘ ۽ هو هليا ويا. مونکي خبر هئي تہ هوُ پنهنجي پيءُ کان ٿي نہ، چاچن کان ٻہ ڊڄندا آهن. مون اُنهن کي ڌرم سنڪٽ ۾ وجهڻ نہ پئي چاهيو...

وڪيءَ کي وئي ٻہ ڏينهن ٿيا هئا تہ هڪ رات يارهين ٻجي هلڪو هلڪو سوُر محسوس ٿيڻ لڳو. ٻڌو آهي، ايڏو سوُر ٿيندو آهي جو جانِ نڪري ويندي آهي. اَڃا جانِ نٿي نڪري، اڃا دير آهي. رات جي مانيءَ جو سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويو. سڀ پنهنجي پنهنجي ڪمرن ۾ هلي ويا. مان پنهنجي ڪمري ۾ هاسپيٽل وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳس ڌيري ڌيري. هڪ باسڪيٽ ۾ نندي ٻار جا ڪپڙا، ٻہ اَڇيون چادرون ۽ ڪجهہ ضروري تام جهام وڌم. جيڪو

ڪُڇھ تي وجي. جيئن تيئن ڪپڙا مٿيا ۽ پگھر سان تر بتر ٻاھر آيس. ڊگھا ساھ کڻندي. نراڻ مونکي پڪڙي بستر تي ليٽائي ڇڏيو. درد منھنجي ڪمر پڪڙي ورتي ھئي ۽ ٽنگون. مون کي سخت اُڃ پيئي لڳي. مان پاڻي گھريوماَن ته اُنھن پاڻي ڏيڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو. صرف چپ آلا ڪيائون، اُڃ اَجا زور مارڻ لڳي. نراڻ ٻاھر وڃي پاڻ کي گرم چانھ ۽ کير آڻڻ لاءِ چيو. نرس ھڪ ڀيرو اَچي مونکي ڏٺو ۽ نراڻ کي چيو...

’اَجا دير آھي ...‘ پوءِ منھنجي درد سان پيلي ٿيل ڇھري کي ڏسي پڇيو.

’پھريون آھي؟‘

مون ’ھا‘ ۾ ڪنڌُ لوڏيو.

’تنھنجو پتي ڪٿي آھي‘ ھُن ائين پڇيو.

’ھوُھتي نہ ٻاھر رھندو آھي.‘ منھنجي بجاءِ منھنجي نراڻ چيو. نرس جي ڇھري تي ھڪ بدزيبي مُسڪان اَچي ويئي. پوءِ منھنجو گائون کڻي مٿي ڪيائين ... اُن وقت شرم جو نالو نشان بہ ڪونہ ھو. صرف درد ... درد جو سمنڊُ... ڪا ڪا لھر ايترو تہ پرتي ڦٽو پئي ڪري ڇڏي جو اکين اڳيان اَنڌيرو پيو ڇانئجي وڃي. جيڪو آس پاس جي شور ۽ رڙين جي آوازن سان پيو ٽُٽي...

’اَئي اَما، مان مري ويندس، مونکي بچائي وٺ.‘ ھڪ ڀيانڪ آرتنادُ...

’اي چُپ‘ ھڪ سِسٽر ھُن کي ڇڙٻيو، جڏھن اَھڙا ڪم ڪندي آھين تڏھن بہ ائين رڙيون ڪندي آھي ڇا...‘ ۽ سڀُ نرسون کلڻ لڳيون...

ھاڻي نہ ڪندس اَھڙو ڪمُ، ڪن تي پڪڙيان.‘ اُن ٽِٽل ساھ ۾ رُڪندي چيو... وري کِل کِل جو آوازُ. اُنھن جي اکين ۾ نرديتا ھئي، حقارت، بيپرواھي، ٺٺولي ۽ نہ ڄاڻ ڇا ڇا. رودن جي ڳوڙي چپ منھنجيءَ ڇاتيءَ تي پيئي ھئي. اُن جي مٿان ڊپ جي چپ، اُن مٿان شرم جي، اُن مٿان ... غصي جي اُن مٿان پتو ڪونھي...

سسٽر منھنجي پيٽ جي سائيز ڏٺي، پوءِ نراڻ کي چيائين.

’پھرئين ٻار جي حساب سان پيٽُ وڏو آھي. توھان سنڌي گيھہ گھڻو

’جيجاجي نہ وڃو.‘

وڪيءَ هُن جي کُلھن تي هٿ رکي مشڪندي چيو...

’اَڙي يار، تون تہ آهين نہ. پوءِ مان بہ ڪيترا ڏينهن رهي ٿو سگهان؟ تون فون ڪري ڇڏجانءِ جڏهن تڪليف ڏسين، مان پهچندو ايندس.‘ فون هن مهل تائين تہ ڪنهن ڪيو ڪونہ آهي. پاڻ صبوح چيو تہ وڏي نراڻ جهڙ چيو...

’اَڙي، هو ڇا ڪندو اَچي؟ هاڻي تہ بس ڪُجھہ ڪلاڪن جي دير آهي. پٽ ٿيو تہ فون تہ سيني کي ڪرڻو ئي آهي.‘

فون منهنجي وڏي سهري جي گهر ۾ آهي صرف جنهن کي ڪرڻو هُجي، اُتي وڃي. پاڻ نہ ويو.

هاسپيٽل پهتاسين تہ منهنجو مُنهن ڏسندي ئي هڪ سسٽر مونکي پڪڙي اندر وٺي ويئي ۽ پاڻ فارم وغيره پرڻ لڳو.

هڪ وڏو هال... ٽن پتين سان بسترَ لڳل، سيني تي اَڌ ننگيون عورتون رڙيون پيون ڪن. مان ڏسي ڏڄي ويم. مان هڪ بہ عورت اڄ تائين اُگهاڙي نہ ڏٺي آهي. اُنهن جي جسم تي هڪ ڪپڙو هو، گائون يا پيٽيڪوٽ، جو اُنهن جي وڏي پيٽ تي بي ترتيب پيو هو. اُنهن جو اُگهاڙو ڏڙُ بيحس وياڪلتا سان بستر تي ڇٽپٽائيندو... ڪيڏانهن ڏسان؟ جيستائين نظر پئي وڃي اُهو ئي نظارو هاءِ ربا! اِهو ڏينهن بہ ڏسڻو هو.

’هن جا ڪپڙا مٽاءِ‘ هڪ سسٽر نراڻ ڪي چيو. اُنهن چليءَ مان هڪ گائون ڪڍي مون کي ڏنو ۽ باٿ روم جي طرف اِشارو ڪيو.

’اَندريان ڪپڙا بہ لاهجانءِ.‘ اُنهن سنڌيءَ ۾ چيو.

منهنجي حالت ڏاڍي خراب هئي. مونکي پيشاب پيو اَچي، پر مان ويهي نہ پيئي سگهان. جيئن ئي ويهڻ جي ڪوشش پيئي ڪيان، درد جي لهر پيئي اُٿي ۽ مان ڏڪندي اُٿي ئي بيهي پيئي رهان. پِٽ جو سهارو وٺي. مونکي پئُ پيو ٿئي تہ مان اُن گندي باٿ روم ۾ ڪِري نہ پوان ۽ اُٿيئي نہ

’اوءِ اَما تنهنجي نونهن تہ گوري آ ... پوٽو ڪارو‘. ڪنهن دائيءَ مسخري ڪئي ... ’ڪارو آهي تہ ڇا ٿيو؟ آهي تہ پُٽ.‘ خوشي ڏاڏيءَ جي اکين مان ڇلڪي پيئي. ماءُ سُک ۽ سُڪون سان مشڪي پيئي ...

پوءِ اُن کي صاف ڪري، ٽاڪا لڳائي، هلڪا ڦلڪا ڪپڙا پائي، وارڊ ۾ شفٽ ڪرڻ لاءِ وٺي ويا. هال ۾ وري اُهي ئي رڙيون ۽ هاءِ هاءِ ...

اُتي خبر پيئي تہ چار ڏينهن پهريان جي ڳالھ آهي هڪ عورت جا ڏينهن پورا ٿي ويا هئا. هوءَ ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ آئي. ڊاڪٽر چيس، ’اڃا دير آهي ... گهر وڃُ، ٻن ڏينهن کان پوءِ اَچجانءِ. ٻئي ڏينهن صبوح سوُر ٿيس ۽ هوءَ هاسپيٽل آئي تہ ڊاڪٽر چيڪ اَپ ڪري چيس، ٻار پيٽ ۾ مري ويو آهي. هاڻي؟ هاڻي هيئنئون ڪڍڻو پوندو. سورن جو انجيڪشن ڏيئي ليٽائي ڇڏيو ويو. سور اڌورا سڌورا ٿيڻ لڳا ۽ مئل ٻار جو مٿو تہ ٻاهر اَچي ويو، ڌڙُ ٻاهر نہ پيو اَچي. اُن کي جلد آپريشن ٿئيٽر ۾ وٺي ويا، ٻار اَڌ اندر هو اَڌُ ٻاهر ... مئل ٻار جو مٿو ڪٽي اڌُ اندران ڪڍيو ويو اڌُ ٻاهران ... هوش ۾ اچڻ کان پوءِ ماءُ روئندي پاڳل ٿي ويئي. ڏرُ، صرف ڏر جو هتي اَچڻ کان پوءِ منهنجي آنڊن ۾ چنبڙي وينو هو. ڪيرُ آهي منهنجو ... ڪو بہ نہ، ڪو بہ نہ ...

هڪ پيشنٽ استريءَ جي سسُ نراڻ کي ٻڌائي رهي هئي، هوءَ هتي ٽن ڏينهن کان آهي، سندس نونهن کي رُڪي رُڪي سور ٿا ٿين. ڪلھ جڏهن هڪ ڊليوريءَ جي وقت ٻارُ ٻاهر نہ پيو اَچي تہ اُن کي چمٽي سان پڪڙي ٻاهر ڪڍيو ويو. ٻار جي مٿي تي گهرا زخم ٿي پيا. هتان جا ڊاڪٽر ڏاڍا غير ذميدار آهن. هڪ ڊائبٽڪ استريءَ کي، جنهن کي پندرهن سالن کان پوءِ ٻار ٿيڻ وارو هو، گلوڪوز چاڙهي ڇڏيو ٻار پيٽ ۾ مري ويو، استريءَ جي حالت خطري ۾ آهي ...

مان ڇوڻ ٿي چاهيان، بس ڪيو، مونکي ڪُجھ نہ ٻڌڻو آهي پر چئي نٿي سگهان. ضد، غصو، تڙپ، سور، مجبوريءَ جو جان ليوا احساس ... چوطرف صرف رڙيون ۽ رودن ... مَنُ تو ڪري مان بہ زور زور سان رڙيون ڪيان ۽ روئان پر نٿو ٿئي ...

ڪائيندا آهيو ۽ ڊراءِ فروٽ جا ٿهيل لڏون. ٻارُ موٽو ٿي ويندو ته نڪرندو ڪيئن؟ ڪائيندا آهيو نه؟' آخري سِٽ هُن مون کي ڏسي چئي. مان ڪو جواب نه ڏنو. مون پنهنجي شُڪل ڇپن تي زبان ڦيري.

'هن کي گرم چانهه پيار' هُن نراڻ کي چيو ۽ وڃڻ لڳي ته مان سندس هٿ پڪڙي چيو،

'مونکي پيشابُ تو اَچي'

'وڃي ڪري اَچُ.' هُن نهايت بي رُخيءَ سان پنهنجو هٿُ ڇڏايو.

'مان ويهي نٿي سگهان.' ٻه ٻُوڙها منهنجيُن اکين مان ڪريا ۽ آواز ڪنبي ٽُٽي پيو. هُن منهنجو ڇهرو ڏٺو، پوءِ هڪ دائيءَ کي سڏ ڪري چيو،

'هنکي پاٽُ ڏي.'

جيئن تيئن پيشابُ ڪرايو ويو. پيٽ صاف ڪرايو ويو. اِن وچ ۾ ڪُجهه ڊاڪترياڻيون آيون ۽ هڪ سرسري نظر سان ڏسي هلي ويون. ڪُجهه سُيون به لڳايون ويون.

مان ٽڪجي چور ٿي ويئي آهيان. درد ايترو دسيو آهي جو منهنجا ڪس بل ڍلا ٿي ويا آهن. اِن وچ ۾ ٽي ٻار ٿي ويا. هڪ کي مان جڳيا سا ۽ ٻوڙهن سان پريل اکين سان ڏٺو. اوندهه جو درُ کُليو ڀرِيان ٻار جو مٿو پوءِ اُن جو جسم ٻاهر آيو. رت ۽ اَچي پاڻيءَ سان لتڙيل، نايُيءَ سان جڙيل جوُر ... ٻار جي ٻاهر ايندي ئي استريءَ جون رڙيون شانت. هوءَ ساڻي ٿي پيئي هئي. ٻار جو جسم نيرو آهي. اُن کي اُلٽو لٽڪائي هلڪيون ٿپڪيون پيا هڻن ته ٻار جي روئڻ سان سمورو هالُ پرجي ويو. ٿوري دير لاءِ ٻيا آواز شانت ٿي ويا ...

'واڌائي هُجيوَ، ڇوڪرو ٿيو آهي ... ڪٿي آهي هن جي ڏاڏي؟ ٽن ڇوڪرين کان پوءِ ... جلدي منائي ڪارايو ...'

ٻار جي ڏاڏيءَ کي سيني گهيري ورتو، ڊاڪتر پنهنجو ڪم ڪري هلي ويئي. ڏاڏي خوشيءَ ۾ ڪُجهون پيئي هڻي. ڇيلهه ۾ ٻڌل نوٽ ڪڍيائين ۽ ورهائڻ لڳي.

مان هار مڃي ورتي تہ هاڻي مان ڪُجهہ نٿي ڪري سگهان. هاڻي ماريو، ڪٽيو، جيڪو منُ ھُجيو ڪيو. مان توھانجي حوالي.

اسٽريچر اَچي ويو. مونکي آپريشن ٿئيٽر ونئي وڃڻ جي لاءِ. تڏهن هڪ سينئر ڊاڪٽر هال ۾ گهڙي، نرسون ساوڌان ٿي ويون، رڙيون روئڻ گهٽ ٿي ويو. سيني کي واري واري ڏسندي هو مون وٽ آئي. سنهڙي سانوري، درميانو قد، چهرو نروڪارُ، هُن هڪ سيڪنڊ مونکي ڏٺو، پوءِ اسٽريچر کي ...

’پهريون اَٿئي؟‘ هُن مونکان پڇيو تہ مون ’ها‘ ۾ مٿو هلايو. هُن نرسن کي اِشارو ڪيو. سڀُ گڏ ڊڪيون ۽ ڪافي سامان کڻي آيون. تيستائين هو منهنجو چيڪ اَپ پيئي ڪري. نراڻ کي هُن پرتي بيهڻ جو اِشارو ڪيو ...

نرسن اُنهن کي هو ُسڀُ شيون پائڻ شروع ڪيون، جيڪي ڊاڪٽر پائيندا آهن اَهڙي وقت. پوري تياري ڪري هو مون وٽ آئي ...

’هلُ سور ڪاءُ ... گهڻي دير ٿي ويئي آهي ... ٻار کي خطرو ٿي سگهي ٿو ...‘

خطرو؟ ٻار کي؟ مون پنهنجو پاڻ کي وساري ڇڏيو. جئن جئن نرسون چونديون پيون وڃن ... مان ڪندي پيئي وڃان.

’پنهنجيون ٽنگون زور سان پڪڙيو ... شاباس شاباس. ٿورو اجا‘ ڊاڪٽر منهنجو حوصلو وڌايو.

شايد پاڻيءَ جهڙو ڪُجهہ ڪرڻ لڳو آهي. نرسون ڦرتيءَ سان منهنجيون ٽنگون پڪڙي جيترو کولي سگهن پيون کولي ڇڏيون ...

’ها. ها ٿورو جلدي نہ تہ ٻارُ پاڻي پي ويندو.‘ ڊاڪٽر جو وياڪل آواز ... اَڻ سهندڙ درد جون لهرون پر اُتي موئت جو پئُہ ڪونہ هو، نہ ڪُجهہ ٻيو ... منهنجي ذهن ۾ ٻارُ هو ... صرف ٻار ... منهنجو پنهنجو ...

’رُڪو نہ ... رڪو نہ ... زور لڳايو ... صرف پنج منٽ اَجا ... پوءِ سڀُ نيڪ ٿي ويندو ... ها ها ... ٿورو اَجا ...‘

سوُر سوُر. صرف سوُر. ڪا شيءِ ٻاهر اَچڻ ٿي چاهي پر سوُر جي چپ آهي. مان پُر زور ڪوشش ٿي ڪيان هٽائڻ جي، جو اَچڻ واري کي جڳهہ ملي سگهي ...

ٻپهري تي ويئي آهي، مان مڇيءَ وانگر تڙپان تي. ٽَڪُ، ننڊ ۾ سور. سور جي لهر تي اَچي، منهنجي مُنهن مان رڙ تي نڪري وڃي. سور جي لهر هيٺ تي ٿئي ته ننڊ جي لهر تي اَچي وڃي.

مونکي بخار تي پيو. هڪ ڊاڪٽرياڻيءَ ڏنو ۾ نراڻ کي چيائين. 'هن جي جسم تي برف رکڙيو.'

پاڻ کان برف گهرائي ويئي ۾ نراڻ سڄي جسم تي ڦيرڻ لڳي.

'شايد آپريشن ڪرڻو پوي. ٻچي دانيءَ جو مُنهن ننڍو آهي.' ڪنهن ڊاڪٽرياڻيءَ چيو...

'تياري ڪيو... صحي ڪيرُ ڪندو؟'

'مان ڪندس مان' مون تڙڦي چيو... 'جيڪو ڪرڻو اَٿو. جلدي ڪيو.'

ڪنهن ٻه منهنجي طرف ڌيان نه ڏنو.

'توهان ڪري سگهو ٿا؟ توهان ڪيرُ آهيو هنن جا؟'

ڪنهن نراڻ کان پڇيو.

اُنهن چيو، 'مان ڪري تي سگهان پر توهان اِهائي ڪوشش ڪيو ته ڊليوري نارمل ٿئي. گهر ۾ ڪو وڏو ڪونه آهي. مان مهمان آهيان.'

'ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو آهن؟ ڇڏي هلي ٿا وڃن.' هڪ نرس مُنهن ٺاهي چيو...

هڪ ٻي نرس ريزر کڻي آئي... منهنجي پيٽ ۾ ٻين اَنگن جا وار صاف ڪيا. مٿي تي هڪُ اَڇو ڪپڙو ٻڌو. گائون لهرائي اُنهن هڪُ اَڇو چوغو پاتو. مان سمجهي ويس آپريشن! نراڻ صحي ڪري ڏني.

شايد ٻه پيا ٿين.

سوُر ڪاڻ... سور جيترو سور کائيندينءَ... اوترو جلدي ٻارُ ٿيندو.' نرسيون هر هر اَچي مونکي لوڏائي ٿيون وڃن.

'ڪيئن سور کان؟' مون کي سمجهه ۾ ئي نه پيو اَچي. هو جئن چون پيون تئن مان ڪري ته ڇڏيان پيئي، تڏهن ٻه لڳي پيو، شايد ٺيڪ نٿي ڪيان.

هُن مشڪي منهنجو مٿو ٿپٿپايو ۽ پهريون دفعو پيار سان مٿي تي هٿ رکيو. اُن اسپرش مونکي ياد ڏياريو. مان نہ ڄاڻ ڪڏهن کان سخت اُس ۾ پيئي تي هلان ۽ هاڻي مونکي ٿوري ڇانو ڪپي، بس ٿوري. مون يريل اکين کي ڦٽتي موٽايو.

صاف ڪرڻ کان پوءِ اُنهن منهنجيون ٻئي ٽنگون پلنگ جي ٻنهي پاسي لڳل راڊس، جنهن ۾ چمڙي جا پٽا لڳل هئا پير ٻڌڻ لاءِ، اُن تي ڪٽي ٻڌائون.

’ڇو؟‘ منهنجو ڇرڪ نڪري ويو.

’ٽاڪا لڳندا.‘ سسٽر ڏيري ڇيو.

اُهائي ڊاڪٽر جيڪا هلي ويئي هئي اِن وچ، وري آئي ۽ بغير منهنجي طرف ڏٺي ٽاڪا لڳائڻ لڳي ... دردُ هن ڀيري وري شروع ٿيو سُيون ٽنبيون ويون. پر اُنجي مقابلي ڪافي گهٽ، جيڪو پهريون گذري ويو هو.

هن ٽاڪا لڳايا ۽ اِن کان پهريان تہ مان ڪُجهہ چوان هوءَ منهنجيون ٻڌل ٽنگون ڇڏي هلي ويئي. سسٽر اَچي منهنجي ڊريسنگ ڪئي ۽ منهنجيون ٽنگون کولي مونکي بستر تي سِڌو ليٽائي هڪ اَڇي چادر منهنجي مٿان وجهي ڇڏي آهہ ! ٽنگون نہ ڄاڻُ ڪيتري دير هوا ۾ جهولڻ پيون.

نراڻ مون وٽ آئي ۽ منهنجا ڪپڙا ۽ وار وغيره ٺيڪ ڪرڻ لڳي تہ هڪ دائيءَ اَچي چيس ...

’ٻار جا ڪپڙا ڏي ۽ انعام ... پوءِ ٻارُ ملندوَ. هوءَ ڪلي پيئي.

مون مشڪي نراڻ کي اِشارو ڪيو. هوءَ چليءَ مانُ منهنجو پرس ڪٽي آئي ۽ جئن ئي کولڻ جي ڪوشش ڪئي، مون هٿُ وڌائي پرس اُن جي هٿ مان وٺي دائيءَ کي ڏيئي ڇڏي.

هوءَ خوش ٿي ويئي. سيني کي سڏُ ڪيائين ۽ سڀ پاڻ ۾ ورهائڻ لڳيون.

گلابي ڪپڙن ۾ ويڙهيل منهنجو ٻار هوُ پهريون دفعو مون وٽ ڪٽي آيون ۽ منهنجي پاسي ۾ اَچي ليٽايائون ... گوري گلابي گُڏي پنهنجيون مُٺيون بند ڪري سُمهي پيئي هئي. نرم مُلايم چپ، تندرست سهڻي ... مٿي تي ٿورا وار.

پگهريل پگهريل ڏند پڪوڙي. منهنجي مُنهن مان عجيب آواز پيا نڪرن مان پهريان ئي چبايل چپ پوري طاقت سان وري ٿي چبايان ... هُن چپ ڪي پري ڪيو ... چپ ٿورو سُرڪي آهي شايد ...

’شاباس ...، ٻار جو مٿو تو ڏسڻ ۾ اَچي ... ٿورو اَجا ... ٿوري همت اَجا ... نه نه هار نه مڃجانءِ ...‘

وري اُهو ئي ... هر هر اُهوئي ... مونکي خبر ناهي، منهنجيون ٽنگون آهن يا نه، منهنجو جسم آهي يا نه، مون ۾ ٻيو ڪُجهه آهي يا نه، منهنجي چيتنا ۾ اُهائي شيءِ هر هر پئي ٽڪرائي.

او گاڊ ...‘ پهريون ڀيرو مون زور سان چلايو ... ترڪندي ڪا شيءِ ٻاهر نڪتي جنهن کي هٿن ۾ سنڀالي ورتو. منهنجيون نظرون پاڻ ئي سامهون ڀت تي ٽنگيل گهڙيءَ جي طرف ويون. سوا چار. منهنجيون اکيون بند ٿي ويون. هو ٻار کي اُلٽو ڪري روئارڻ جي ڪوشش پيا ڪن ۽ ٻار رنو. پهريون دفعو مون اُهو آواز ٻڌو ... منهنجي آتما شانتيءَ سان ڀرجي ويئي. مون اکيون کولي ٻار کي ڏٺو. منهنجيءَ زور سان ٻڌل منهنجو ٻار. اُنهن اُن کي منهنجي پيٽ تي ليٽائي ڇڏيو ... رت ۽ ڪاري پاڻيءَ سان لٿڙيل هو گرم جسم ... مون اُن کي پنهنجن هٿن سان ڇُهيو ... پنهنجي هُئڻ کي ايترو ’ثابت‘ ۽ ’پورو‘ مون اُن لمحي پهريون دفعو محسوس ڪيو.

هو شايد ’پلي سينٽا‘ ٺا ڪڍن. جنهن ۾ وڌيڪ دير نه لڳي ۽ جوڙ ڪٽي هوُ ٻار کي سنان ڪرائڻ وٺي ويا.

ٻه دايون آيون ۽ منهنجي صفائي ڪرڻ لڳيون ... باپ ري، ڪيترو تندرست ٻار آهي؟ ٻيبي آهي ... پهريون آهي نه؟‘

مان مشڪي ڏٺو ... سموري سرشٽيءَ جيُ لاءِ شڪر گذار.

’بلڪل توهان وانگر ... گوري چٽي گول مٽول ... جئن ماءُ. تئن ڌيءُ.‘

هڪ نرس منهنجي نزديڪ آئي ته مان هُن جو هٿُ پڪڙي ورتو.

’ٿئنڪس ٽُ آل آف يوُ‘ منهنجو گلو ڀرجي آيو ...

کھاڻي / سوني مولچنداڻي - بيلاڻي



رشتا زندگيءَ سان نہ،
زندگي رشتن سان ٺھندي آھي

”پاپا ھيتري سمجھائڻ کان پوءِ بہ ھوءَ سمجھي نہ ٿي. ڇو منھنجي ۽ منھنجن ساھيڙين جي قريب اَچڻ ٿي چاھي؟ مونکي ھوءَ بلڪل پسند ڪانھي، اِھو ھوءَ ڄاڻي ٿي پاپا.“

”اِئين نہ ڳالھائبو آھي آخر ھوءَ تنھنجي ماءُ آھي.“

”ھوندي ... منھنجي منع ڪرڻ جي باوجود منھنجين ساھيڙين جي سامھون اَچي ھنن سان ڳالھائڻ جي ڪوشش ڪري ... ڪاٺ لاءِ شيون ڪٺي رکي ڇو؟ ھو ھن کي ڏسي ڏکنديون آھن. ھن جي ھٿ جو ڪاٺ تہ ڇا ھن کي ڏسڻ بہ نہ چاھينديون. ڪيترين ساھيڙين ھت اَچڻ بند ڪيو آھي.

”پر پٽ اِن جو مطلب تون پنھنجي ماءُ جي سيني جي سامھون بي عزتيءَ ڪندينءَ؟ مان ڪيس سمجھايان ٿو.“

”سمجھائڻ نہ پاپا توہان منع ڪيوس ...“

مان ۽ اَما اِن باري ۾ سوچڻ لڳاسين. ڇا ڪجي ڪيئن ڪجي!

ريٽا جو جواب اِھو آھي تہ ھوءَ ماءُ آھي ... ڪرونا ھنن جي ھڪ ئي اولاد آھي. پر اولاد لاءِ ھوءَ ھر وقت ذليل ٿيندي رھندي. اَما بہ ڪيس سمجھايو تہ تنھنجي ئي ڏيءَ ائين بي عزتي ٿي ڪري ۽ توکان نفرت اَٿس تہ تون بہ ڇڏي ڏينس.

کنهن تي ويئي آهي؟ توتي يا پنهنجي پيءُ تي؟' نراڻ کلي مونکان پڇيو.

'کنهن تي بہ ويئي هجي، کهڙو فرق ٿو پوي.' مونکي يقين نہ پيو اَچي تہ منهنجي اوندهہ مان هڪ اَهڙي ندي بہ نڪري سگهي ٿي، جنهن جي ڪنارن تي پوءِ سموري سلطنت وسائي ويندي. ڪنهن کي خبر ڪونهي تہ اندر جي پاڙيءَ ۾ جيڪو سُپنو ڪنبي ٿو، ڪڏهن اصليت جو روپ وٺندو پر جڏهن وٺندو آهي تہ ...

پهريون ڀيرو مون هُن جي مٿي کي پنهنجي ڇپن سان ڇُهيو ۽ اُن کي پنهنجيءَ ٻانهن ۾ سميٽي اکيون بند ڪري ورتيون ... اُهو ڇهاءُ ... جو اَندر هڪ ٻئي جي مٿان رکيل سُپ ڇپون ٽٽڻ لڳيون. اوچتو جڏهن ڪنهن بند جو بيٺل پاڻي ڇڏي ڏنو هُجي. منهنجي ڳلي مان هڪُ تيز سُڏڪو نڪري پوري هال ۾ پکڙجي ويو. لڳ ڀڳ سناٽو طاري ٿي ويو. نراڻ گهبرائي منهنجي مٿي تي هٿ رکيو.

'ڇا ٿيو؟'

ڪُجهہ نرسون ڊڪنديون آيون.

مان اڄ تائين پنهنجي اَڪيلائپ سمجهندي اَچان ٿي، هڪ اَنڌي گهري ڪاري غفا ... اُن مان هڪ سُک اوچتو منهنجي هٿن ۾ اَچي ويو آهي. هڪ اَڪيلائپ، ٻيءَ اڪيلائپ کي جنم ڏيندي آهي، اِها تہ خبر آهي، پر هيءُ تہ سک جو جهرڻو آهي، جو نہ ڄاڻ ڪٿان ڦٽي رهيو آهي. مون پنهنجي اندر ڇپن جي ٽُٽي ڪرڻ جو آواز بہ ٻڌو ۽ پوءِ شانت گهري وهندڙ نديءَ جو بہ ...

Khushi Enclave,
Bungalow No. 14. VIP Mona Road,
Amlidih, Post Ravigram
Raipur 492006 (C.G.)

”I am not interested, papa “ ڪرونا نفرت سان چيو ....
”enough is enough ... وڏيڪ نہ ...“
هينئر اَما وچ ۾ ڳالهايو ...
”رهڻ ڏي پٽ، ميرن کي لڳي هئي گهر مان ... مان ...“
هو ڪمري ۾ هلي ويو ڏنائين ريتا روئي رهي هئي ... هي بہ زال سان وينو ...
”ريتا هي گهر تنهنجو آهي ... تون جي هلي ويندينءَ تہ مان ... ۽ جي ٻئي نڪرون تہ اَسان جي اَما؟!“
اُها گهڙي اَڄ بہ ياد ڪجي تہ سيسرا ٿيون نڪرن.
”تون ننڍڙي هئينءَ. سال سوا سال. توکي ننڍڙي گاڏيءَ ۾ ويهاري ريتا رنڌڻي ۾ آئي ... گئس جا ٻئي چُلها هڪ تي پاڄي ۽ هڪ تي تئو رکيل ڦلڪن لاءِ ... اوچتو سامهون ڪنهن ڦٽاڪا جلايا تہ تون ڏڪي روئڻ لڳينءَ ... ريتا دريءَ مان ليئو پاتو ۽ جيئن ڊوڙي اَچي توکي کڻي تہ پاڻ سنڀالي نہ سگهي ۽ گئس جي مٿان اَچي پيئي ... هڪ پاسي گرم تئو ۽ ٻئي پاسي ڪُڪر ... سيڪنڊ ۾ باهہ لڳي ويئي ۽ هوءَ رڙيون ڪرڻ لڳي. مان هئس اوسي پاسي وارا بہ آيا ... ريتا تي پاڻي ڇٽڪايو ... ڪنهن اَچي توکي پرچايو ... پر ...“
باهہ ... آگ سا بہ ڇهري تي ... توبهہ ... هن جي سرير ۽ ڇهري تي ڪمبل وجهي ڪيس هاسپيٽل کنيو ويو. تنهنجو پيءُ بہ اَچي پهتو.
علاج ڪيو ويو حالانڪ ايترا پئسا ڪونہ هئا پر تنهنجو هڪ مامو اُن عرض ڪيو ۽ خرچ پريو. ڊاڪٽرن چيو، بس اِهو ڇهرو ائين ئي رهندو ... ڪپي تہ پلاسٽڪ سرجري ڪرايو ... پر آگ ساڙهيءَ کي بہ وڃڙي ان لاءِ خرچ چڱو ايندو ۽ وقت بہ ۽ پوءِ بہ نتيجو ايشور ڄاڻي ...
تنهنجي خوبصورت ماءُ هڪ پوائتي ڇهري ڪارڻ جڻ ڪٽي جي نہ رهي پر ... مڙس ڪيئن ڇڏي! ...
”۽ تون ... عزت، اَدب، فضيلت نڪري چڪا آهن. تون اَهڙي ماءُ کي ڇُئيس گهر مان نڪري وڃ. هوءَ ويندي تہ تنهنجو پيءُ بہ ويندو ۽ مان ... تو

ريتا جو جواب سنجيدو هو ”اَما ماءُ هوندي بہ ماءُ ناهيان، ڪيتري نہ بدنصيب آهيان.“

پر هينئر تہ حد ٿي ويئي ڪرونا ساهيڙين جي سامهون ماءُ جي بي عزتي ڪئي ڪيس چيو ”get out I hate you.“

۽ ريتا هن جي ساهيڙين جي سامهون هٿ جوڙي معافي ورتي. ڏوهہ اِهو هو تہ هوءَ هن جي ساهيڙين لاءِ پڪوڙا تري آئي. بہ ساهيڙيون نفرت سان هلي ويس ...

ريتا ڏيءُ جي خوشيءَ لاءِ گهر ڇڏي وڃڻ جو فيصلو ڪيو تہ جنهن ۾ اسان جي ڏيءُ جي خوشي.

”تو ائين سوچيو بہ ڪيئن تہ ڏيءَ لاءِ تون مونکي ۽ اَما کي، هن گهر کي ڇڏي ويندينءَ. ڇا اَسين ڪائي اَهميت نہ ٿا رکون؟“

”اَما ... اُها گهڙي اَچي ويئي آهي، تون ڪرونا سان اَسان جي سندس جي ماضي بيان ڪر.“

”نہ نہ ائين نہ ڪجو . نہ ڪرونا کي ڪجهہ نہ ٻڌائجو توهان کي منهنجو قسم ...“

”ٺيڪ آهي. تون گهر ۽ اسان کي ڇڏي نہ وينديءَ. توکي اسان جو قسم ...“

مون ۽ اَما ڪرونا کي سمجهايو، پر نہ. هن سڌو چيو ...


”مونکي هوءَ منهنجي گهر ۾ نہ کپي I hate her“

”Shut up .... اِهو واجب ڪونهي، you are crossing limit .

ياد رک جي تنهنجي ماءُ جيڪا منهنجي زندگي آهي، اُها هن گهر مان هلي ويئي تہ مان ... مان بہ هت ڪين رهندس. تون ڇا ڄاڻين. منهنجي پيار ۾ شاهوڪار پيڪا ڇڏي مون هڪ رواجي ماڻهوءَ سان شادي ڪئي. ڪڏهن بہ پيڪن کان ڪا مدد نہ ورتي. اسان جو ڏک سک خوشي گڏيل آهن.“

”ڇا تو ڪڏهن پڇيو آهي تہ تنهنجي ماءُ جي پوائتي صورت ڪهڙي ڪارڻ آهي؟ ...“

ڪھاڻي / گرداس آھوجا



ڏپ جو احساس

رات گھڻي گذري چُڪي ھئي ۽ ھن جون اکيون کُليون. نازڪ نازڪ آڱرين سان ھو پنھنجين اَڌ کليل اکين کي مھٽڻ لڳو. نائيٽ لئمپ جي ڌنڌلي، گھٽ روشني روم ۾ ڦھليل ھئي. ھن کي پھرين ڪجھ سمجھ ۾ نہ آيو ويچار نہ آيو. ھن کي ڪجھ ائين لڳو تہ ھوُ بيٺ جون ڪجھ سٽون چئي يا ڪو فلمي گانو ڳائي. وري اکيون کولي پپا جي پلنگ طرف نظر ڪيائين. پپا جو پلنگ خالي ھو. مميءَ جي پلنگ طرف نظر ڪيائين. اوھ! 'ممي ...' چوڻ جي اِڇا تيس پر لفظ گلي ۾ اَٽڪي ويس. گلي تائين مس پھچي سگھيس پر ٻاھر نڪري نہ سگھيس. پپا ماري تہ ! اِن ڏپ کان چپ رھيو. پپا مميءَ سان گڏ ...! ٻاھر ھڪ ڪُتي ڀوُنڪيو. پنيان ٻئي ڪُتي ڀوُنڪيو وري ٽيون. ائين آھستي آھستي ڪيترن ئي ڪتن جي ڀوُنڪڻ جا آواز ھنجي ڪنن تي اَچڻ لڳا ھئا، ڏپ وچان ھن جي مٿي جا وار جڻ اُڀا ٿي ويا ھئا. بخار ۾ جيئن ڪوئي ڏڪندو ھُجي تيئن ھيُ ڏڪڻ لڳو. ڊوڙي مميءَ کي ڀاڪر پائڻ جي چاھنا ٿيس پر مميءَ ... مميءَ سان گڏ تہ پپا سميو پيو آھي ۽ ھو وڌيڪ ڏڪڻ لڳو ڊڄڻ لڳو. ڪالھ مميءَ سان گڏ سمھڻ لڳس تہ ممي چئي رھي ھئي تہ پُٽ! ھاڻي تون وڏو ٿيو آھين توکي ھاڻي جدا سمھڻ گھرجي ۽ مون

سان نہ رهنديس. تون هت اَڪيلي رهجانءِ - گُهرائجانءِ ساهيڙين کي ...‘‘

’’اَما .... اَما ... بس ... مون پنهنجي ماءُ ... مان معافي بہ ڪيئن گهران ... مونکي ڪنهن ڪُجهہ ٻڌايو ڪين.‘‘

ڪرونا تڪڙ ۾ روئندي ماءُ پيءُ جي ڪمري ۾ آئي. جتي هن جي ماءُ روئي رهي هئي. مان ڌيءُ جي خوشيءَ لاءِ ڪجهہ بہ ڪرڻ لاءِ تيار آهيان ... مان بدنصيب آهيان، اولاد مون کان نفرت ڪري!


ائين ئي ڪرونا دروازو کولي ماءُ کي ڏسڻ لڳي ۽ پنيان اَما بہ ...

روئندي روئندي ماءُ جي هنج ۾ متو رکي ... ’’م - ممي‘‘

ريتا هن کي ڏسڻ لڳي. هن جي چهري جو رنگ بدلجي ويو ... جڻ پکيون لاتيون لِوندا هجن ۽ پنهنجن آکيرن ۾ اَچن ... جڻ چوگرد سپ گيت گنگنائي رهيا هجن جڻ ... هڪ ئي وقت سيني مندرن جا گهنڊ وڄندا هجن. ما ... مما ...

ڪرونا ... منهنجي لاڏلي ... منهنجي زندگي ... اَڄ ... اَڄ جي مان مران تہ مان ’ماءُ‘ ٿي مرنديس.

’’بس مما بس ... پاپا مما مونکي معاف ڪيو. اَڄ مونکي منهنجي ممي ملي. اَما ... پپا ... مما ... ها پٽ ياد رهي. رشتا زندگيءَ سان نہ - زندگي رشتن سان ٻڌجندي آهي. ...



شرڌانجلي

سنڌي جاتيءَ جو برک سنگيتڪار، وايولن ماسٽر شري ڪنعيالعل لالوڻي

جنم : 20-11-1926 جيڪب آباد سنڌ

ديهانت : 25-11-2020 تي ممبئيءَ ۾ ٿيو.

اَسين سندس ڪٽنبين ۽ سموري سنڌي جڳت سان هن غم ۾ هم شريڪ آهيون.

سنڌالاجي پريوار

ويو. هن جي پارٽي من ۾ ٿيو تہ ڇا مان ۽ مينا هين ۽ سمهون تہ خراب ڏنڌو آهي ۽ پپا ۽ ممي هين ۽ سمهن تہ خراب ڏنڌو نہ ڇئبو آهي؟ ممي تہ چوندي آهي تہ تون هاڻي وڏو ٿي ويو آهين. توکي هاڻي گڏ سمهڻ نہ گهرجي، تہ ڇا پپا مون کان بہ ننڍو آهي؟ پپا تہ مون کان بہ وڏو آهي، پوءِ پپا ممي ۽ سان گڏ ڇو ٿو سُمهي. ممي پپا کي گڏ سمهڻ ڇو ٿي ڏيئي ۽ مونکي گڏ سمهڻ ڇو نٿي ڏيئي!؟ ممي چوي ٿي تہ تون هنڌ ۾ پيشاب ٿو ڪرين تہ ڇا پپا هنڌ ۾ پيشاب نہ ڪندو هوندو!! ڪالهہ بہ پپا کي ممي ۽ سان گڏ سمهڻو هوندو تڏهن ئي ممي ۽ مونکي گڏ ڪونہ سمهاريو هوندو ۽ مونکي مارياڻون.

جيئن اوندهہ ۾ ٻلي ۽ جون اکيون چمڪنديون آهن تيئن جهڪي ۽ روشني ۽ ۾ هنجي اکين مان نڪرندڙ آنسو چمڪي پيا. هن لڪي آنسو وهائي اُگهي ڇڏيا. هاڻي ممي ۽ پپا بلڪل صاف نظر ٿي آيس. هي ۽ ڏسندو ئي رهجي ويو. شايد ممي هن کي ڏسي ۽ ڪيس گڏ سمهڻ لاءِ سڏ ڪري. ٻاهران وري ڪتن جي ڀونڪڻ جا آواز اَچي رهيا هئا. هوا جي تيز جهپٽ آئي ۽ هي ۽ ڏڪڻ لڳو، 'ممي!' هن کي رڙ ڪرڻ جي اِڇا ٿي پر ... پر ممي ۽ جي پاسي ۾ ئي پپا سمهيو پيو آهي ۽ هن مار جي ڊپ کان رڙ ڪانہ ڪئي. هن جي اکين اڳيان پيءُ جي هٿ جي ڪاڊل چماٽ ۽ هٿ ۾ رکيل ڦٽپٽي نظر آئي. مينا چوي پيئي تہ رات جو ڀوت ايندا آهن ڪارا ڪارا، ڪارن ڪپڙن وارا هنن جو منهن ڏسڻ ۾ نہ ايندو آهي ۽ هو اسان ٻارن کي ڪپڙي ۾ وجهي ڪٽي ويندا آهن ۽ پوءِ ٽڪر ٽڪر ڪري تيل ۾ تري کائيندا آهن. هي ۽ ڏڪڻ لڳو، رڙ ڪرڻ لڳو. پر وري پپا، پپا جي چماٽ ڦٽپٽي ياد آيس ۽ رڙ ڪري ڪونہ سگهيو. هن مينا کي چيو تہ ڀوت اسان وٽ اَچي ڪونہ سگهندو، ڇاڪاڻ تہ اسين در دريون بند ڪري سمهندا آهيون در کي تالو هڻندا آهيون ۽ تالي جي چابي ممي پنهنجي وهاڻي جي هيٺان رکي سمهندي آهي. پر وري مينا ائين بہ تہ چيو هو تہ ڀوتن کي در کولڻ لاءِ چابي ۽ جي ضرورت ڪونہ پوندي آهي هو ڦوڪ هڻي


ضد ڪيو تڏهن مميءَ چيو، تہ ”تون رات جو هنڌ ۾ پيشاب ٿو ڪرين.“ پر تڏهن بہ مون ضد ڪيو هو تہ پپا مونکي بہ ٽي چماٽون زور سان هنيون ۽ مان روئي پيو هوس. اَڄ منجهند جو مينا آئي هئي ۽ هن مينا کي دانهن ڏيندي چيو هو تہ اڄ هن جي مميءَ بہ کيس رات جو گڏ نہ سمهاريو هو ۽ پپا هن کي ماريو هو. ائين چوندي هيءُ روئي پيو هو. پر، مينا هن کي پرچايو هو شانت ڪيو هو. مينا هن جي پاسي واري گهر ۾ رهندي هئي. ۽ هن جي عمر جيتري هئي.

مينا بہ هن کي دانهن ڏيندي چيو تہ، مونکي بہ هاڻي ممي گڏ سمهڻ کونہ ڏيندي آهي. ٻئي ڄڻا، مينا ۽ هيءُ هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي گڏجي سُمهي پيا جيئن هنن جا ممي پپا سُمهي پيا هئا.

ڪجهہ دير بعد هنجو ممي پپا آيا ۽ هنن کي هن حالت ۾ ڏسي هن جي پپا جون اکيون لال ٿي ويون ۽ هٿ ۾ ڦٿڪڻي ڪنيائين هن کي ياد آيو مينا چوندي آهي تہ جيڪو ماڻهو دارون پيئندو آهي تہ اُن جون اکيون لال ٿي وينديون آهن ۽ هو چريو ٿي پوندو آهي. پڪ ئي پڪ پپا دارون پيتو هوندو. هن ائين ويچار ڪيو مس تيئن هن جي پپا هن کي هڪ چماٽ هڻي ۽ هٿ تي ڦٿڪڻي هڻندي چيائين تہ نالائق! آهين ڪيترو ۽ هاڻي کان ئي ههڙا ڌنڌا سکي ويو آهين! وري ٻي هڪ چماٽ هن جي نازڪ معصوم ڳل تي لڳي. هيءُ روئڻ لڳو هن کي اِئين لڳو تہ هيءُ ڊوڙي وڃي ماءُ جي گود ۾ لڪي. پر، وري ٽيس تہ شايد مميءَ پڻ دارون پيتو هُجي تہ! هوءَ بہ ماري تہ! هيءُ هاڻي سڏڪا ڀري روئڻ لڳو هو. مينا تہ هيءُ سڀ ڏسي ڊپ وچان ڀڄي ويئي هئي. هن کي پڻ ائين لڳو تہ متان ڪٿي مونکي بہ مار ملي تہ!

هِن وهاڻي طرف نظر وڌي وهاڻو ٽورو سُڪي ويو هو. وهاڻي تان ڪنڌ مٿي ڪنيائين ۽ نائيٽ لئمپ جي جهڪي روشنيءَ ۾ مميءَ جي پلنگ طرف نظر وڌائين ممي ۽ پپا ٻئي هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي سمهيا پيا آهن منجهند جو هو ۽ مينا سمهي پيا هئا بلڪل ائين ئي بلڪل ائين ئي. هيءُ ڏسندو رهجي

ليک / جڳديش شهدادپوري



١٥ لکن جو سرسوتي سنمان سنڌي ليکڪ واسديو موهيءَ کي

ڪي. ڪي برلا فائونڊيشن جو سرسوتي سنمان سال ٢٠١٩ لاءِ سنڌي ليکڪ واسديو موهيءَ کي ڏيڻ جي ظاهرات ڪئي ويئي آهي. هن سنمان ۾ ١٥ لک روپيه، سنمان پتر ۽ ٽرافي ڏني ويندي آهي. هيءُ انعام هر سال سنوڌان جي اٺين شيڊيول ۾ شامل ٢٢ ٻولين مان ڪنهن هڪ ٻوليءَ کي عطا ڪيو ويندو آهي. اِنعام جي چونڊ هن ريت ٿيندي آهي :

(١) ڪي. ڪي برلا فائونڊيشن طرفان سڄي ملڪ ۾ ٢٢ ڀاشا ڪاميٽيون آهن، هر ڪاميٽيءَ ۾ وابسته ٻوليءَ جا ٽي ودوان هوندا آهن. ٻوليءَ جي ڪاميٽيءَ جا ميمبر پنهنجي ٻوليءَ ۾ گذريل ١٠ سالن ۾ ڇپيل ڪتابن مان هڪ ڪتاب جي چونڊ ڪندا آهن ۽ فائونڊيشن کي موڪليندا آهن. سال ٢٠١٩ جي انعام لاءِ ڀارت ۾ ٢٠٠٩ کان ٢٠١٨ تائين ڇپيل ڪتابن کي ڌيان ۾ رکيو ويو.

(٢) اِن ريت چونڊيل ٢٢ ڪتاب فائونڊيشن وري ڀارت جي جدا جدا ڪيترن جي ڪاميٽين کي، سندن ڪيتر جي ڀاشا جا ڪتاب موڪليندو آهي. ڪيتر جون ڪاميٽيون وابسته ڪيتر مان آيل ڪتابن مان هڪ ڪتاب چونڊي

در ڪولي چڙهندا آهن تالو ڏنل هُجي نہ تہ بہ. ’ها پر ممي چوندي آهي تہ تون هاٺي وڏو ٿي ويو آهين.‘ پر مان تہ ننڍو آهيان مونکي ڊپ ٿو ٿئي. مونکي ممي پاڻ سان گڏ سمهاري نہ تہ مونکي ڊپ نہ ٿئي. ڀوت مونکي پڪڙي نہ وڃي. ڀوت پپا کي تہ ڪجهہ نہ ڪندو ڇوءِ بہ ممي پپا کي پاڻ سان گڏ ڇو سمهاريو آهي!؟

هن کي ٻاٿي پيئڻ جي اِڇا ٿي پر اُٿي ڪونہ سگهيو. لڱ (شرير) ڇڻ ڊپ جي احساس کان ضعيف ٿي ويا هئس هن کي وري خيال آيو مينا چوندي آهي تہ ’مونکي ٻاٿي پيئڻو هوندو آهي تہ مان ممي کي اُٿاريندي آهيان، ڪٿي مَتَ ۾ ڀوت لڪي وينو هجي تہ! ۽ پڪڙي پنهنجي گهر وٺي وڃي تيل ۾ پڪوڙن وانگر تري کائي تہ!‘ ڇا مان ممي کي اُٿاريان!؟ نہ ... نہ پپا ماريندو! ٻاٿي ڪونهي پيئڻو. هن وري هڪ نظر ممي جي پلنگ طرف وڌي، ڪيئن نہ پپا آنند سان سمهيو پيو آهي، ممي سان گڏ! گڏ ممي بہ سمهي پيئي اَٿس. تڏهن تہ ڀوت جو ڊپ ڪونہ ٿو ٿئيس. پر مان ... مان اَڪيلو ... هتي جدا بئي پلنگ تي سمهيو پيو آهيان! ها ممي جي هن پاسي جڳهہ خالي آهي وڃي ڪري سمهي پوان ... پر پپا ماري تہ!؟ وري تيز هوا جي جهپٽ لڳي. هيءُ ڏڪڻ لڳو. هن دروازي ڏانهن نظر ڪئي پڪ ئي پڪ ڀوت هوندو، ڀوت ئي آيو هوندو ۽ در کي ڦوڪ هڻي ٿو ڪارن ڪپڙن وارو . هي ڀڳوان! هيءُ تہ مون طرف ئي اَچي رهيو آهي. دروازو کُلي ويو، وڏو ڪارو هٿ مونکي پڪڙڻ لاءِ هن ڏگهو ڪيو، هاٺي!! ’او ممي ... ڀوت!‘ هن رڙ ڪئي ۽ بيهوش ٿي ويو، رڙ ڪرڻ سان هنڌ ۾ هن جو پيشاب وهي ويو.

C-5, Shital Park "KAUSHLY",
Nr. Bajrangwadi,
Jamnagar Road,
Rajkot - 360006



كتابي تاثرات / ڪئلاش شاداب

دير ٿيڻ کان پهرين ... هڪ نظر

عنوان : دير ٿيڻ کان پهرين (ڪوتا- ٢٠١٨)

شاعر : هريش ڪرمچنداڻي

هن پرتيڪريا وادي ۽ لفظن ڏانهن گهور لاپرواهي ۽ بي شعوري وادي دور ۾ جيڪڏهن ڪي لفظ پنهنجي صحيح ۽ نج وجود جي ويجهو بچيل آهن تہ ظاهر آ ادب ۾ ئي آهن ۽ ان کان بہ وڌيڪ پنهنجي عزت آميز حالت ۽ ڪويتا ۾ موجود آهن. جت پنهنجي وٽ سان بہ جاڪوڙ ڪري پنهنجي معنيٰ کان بہ ڪجهہ وڌيڪ بهتر ٻڌائڻ جي فراق ۾ نظر اَچن ٿا.

ڪويتا در اصل هر انسان جي اندر فقط هڪ لئہ جي روپ ۾ ئي نہ، ڪنهن ويچار جي روپ ۾ بہ سدا کان موجود رهي ٿي. پر ڪن وٽ هو ڪجهہ خاص خوبين سان گڏ موجود رهي ٿي پشڪن پنهنجي ’ديودوت‘ نالي ڪويتا ۾ هڪ ڪٿا جوڙيندي چوي ٿو تہ هڪ پتڪندڙ ڪويءَ جي سامهون هڪ ديودوت (فرشتو) آيو جنهن ڪويءَ جي اکين کي ڇهيو تہ ڪويءَ کي دورانديشي حاصل ٿي، ڪنن کي ڇهيو تہ ڪيس ڪيئي آواز ٻڌڻ جي صلاحيت ملي ويئي پر پوءِ هن سندس زبان ڪڍي ات نانگ جي زبانْ وجهي ڇڏي ۽ آخر ۾ سيني مان دل ڪڍي ات باهہ جا اولا رکي ڇڏيا. حالانڪ هريش وٽ زبان تہ نانگ واري ناهي پر سيني ۾ اولا ضرور آهن ۽ اهي بہ دل جي پنهنجي نج حالت جي گهٽو ٽٺو آسپاس موجود آهن. جت گهٽا شاعر ڪويتا کي آڪار ڏيڻ جي جدوجهد ۽ ڪويتا سان ئي وڙهي ڪو نئون عروج ڏيڻ جي چٽپٽاهٽ ۾ هوندا آهن، ات هريش وٽ ڪويتا پنهنجي نمائشي حمايت، همت ۽ آڪروش کان آجو ٿي پنهنجي سهج روپ ۾

’مرڪزي ڄَين پريشد‘ ڪي موڪلينديون آهن. ڪيتر جي ڪاميٽين ۾ وابسته ڪاميٽيءَ جي ٻولين جا ڪنوينر هوندا آهن.

(٣) ٢٠١٩ سال لاءِ ڪيتر ڪاميٽين طرفان، پوري ڀارت مان هيٺيان ڇهه ڪتاب موڪليا ويا هئا :

(الف) ٻا - گريراج ڪشور (هندي - ناول)، (ب) حق - سوَراج وير (پنجابي - ناٽڪ)، (ٻ) چيڪ بوڪ - واسديو موهي (سنڌي - ڪهاڻي سنگرهه) (ڀ) ڪٿاڪل - پي سچدانندن (مليالم - ڪٿا سنگره) (ت) مِت ڀاشا سِمگر - نگين سائڪيا (آسامي - ڪاويه سنگره)، (ٿ) ميرو بال ڪانڊ - راج بهادر راءِ (نيپالي - ناول).

(۴) اِنهن سڀني ڪتابن تي گنڀير بحث ڪانپوءِ، سڄي ديش مان آيل الڳ الڳ ٻولين جي ودوانن واري ’مرڪزي ڄَين پريشد‘ شري واسديو موهيءَ جي ڪهاڻي سنگره ’چيڪ بوڪ‘ کي ٢٩ اوڻٽهين سرسوتي سنمان لاءِ چونڊيو. هيءُ ڪهاڻي سنگره ٢٠١٢ ۾ ڇپيو هو.

واسديو موهيءَ کي اِن کان سواءِ ٻيا انعام به عطا ٿيل آهن، جن ۾ ساهتيه اڪادميءَ جي انعام ۽ چئن لائيف ٽائيم انعامن سميت مرڪزي توڙي راجيه سرڪارين جا ١١ انعام شامل آهن. واسديو موهيءَ جا اٽڪل ٣٥ ڪتاب ڇپيل آهن.

شري واسديو موهيءَ کي مٺين مبارڪون.

(ڪي. ڪي. برلا فائونڊيشن جي پريس رليز جي آڌار تي)



مُبارڪون

ڊاڪٽر جيٺي لالوائيءَ جي سنڌس ايڪانڪي ناٽڪن جي مجموعي ’جهادُ‘ ٢٠١٧ تي سال ٢٠٢٠ لاءِ مرڪزي ساهتيه اَڪادميءَ جو اِنعام عطا ٿيڻ تي.

سنڌالاجي پريوار

ٿو. سني نموني اهو ڄاڻندي بہ تہ اَسين سڀ هڪ اهڙي ڪمري ۾ جيئڻ لاءِ مجبور آهيون جنهن ۾ ڪنهن نانگ کي ڇڏيو ويو آهي. جيڪو پلي ڪنهن اوٽ ۾ لڪل آهي ۽ ڏسڻ ۾ نہ ايندي بہ ان سبب ڪمري ۾ رهندڙ ڪو بہ شخص پنهنجي چئن ۾ ڪونهي.

هريش جي ٻولي پنهنجي وقت ۽ پنهنجن تجربن کان حاصل ڪيل ٻولي آهي جنهن کي هو نثري محاورو ڏيئي ارٽ شلپ ۾ ٻڌڻ ڄاڻي ٿو. احساس ۽ اظهار جي وچ ۾ هو پنهنجي ٽيمپرامينٽ جو توازن برقرار رکي ٻوليءَ کي مادريت بڻائي فني ضبط بخشي ٿو جنهن سبب لفظ پنهنجي بازيگري ۽ چمتڪاري بيان بازيءَ کان بچي وڃن ٿا. جملن جو نسبتي جڙاءُ اهڙو سليس ۽ روان آهي جو لفظ پنهنجي تمام امڪانات ۾ نِڪري اچن ٿا. ۽ تمام گهٽجي ويل لفظ (موتاجي / محتاجي) بہ اظهار جي ترڪيبن ۾ نوان توانا ۽ سونهن بڻجي اُڀرن ٿا ۽ هڪ پرتيڪ جو ڪم ڪرڻ لڳن ٿا. سندس ڪي جملا تہ سڌو سڌو ڪنهن ڪويتائي لئہ رکندڙ نثري محاوري طور بڻجي اَچن ٿا (سمورو حساب هن وٽ ئي هو / مون وٽ فقط وشواس هو) ۽ لفظن جي مناسبت ۾ تمثيلي استعاري ۽ محاوراتي ٽريٽمينٽ پائيندي ڪويتا جي اندروني لئہ کي برقرار رکي پختو بڻائين ٿا. هو شلپ کان بہ پنهنجي شئلي - لهجي کي مٿي رکندي اهڙن عضون کان ڪم وٺي ٿو جئن شلپ جو ڪرد روپ ڪجهہ لائوڊ هوندي بہ آڪروشت نہ ٿو ياسجي ۽ خيال جو فڪري احساس پنهنجي سلامت ۾ نهايت گنڀير ۽ عمده بڻجي اُڀري ٿو ۽ ڪويتا پنهنجي ڦهلاءُ ۾ پنهنجي تمام ڱنڍن ۾ محسوس ڪرڻ لائق بڻجي ٿي ۽ وقتائتي هوندي بہ دور انديشي حاصل ڪري ٿي. حالانڪ ڪٿ ڪٿ ٻوليءَ ۾ هندي محاوري جو هلڪو اثر محسوس بہ ٿئي ٿو پر ڪويتا جي فِلو ۾ اهو نظر انداز ڪرڻ لائق بڻجي وڃي ٿو. (سام، دام، دنڊ، ڀيد هر اُپاءَ سان وغيره)

هريش وٽ جذبات ڪنٽينٽ لاءِ ڪا رڪاوٽ نہ ٿي بڻجي. هو خيال جي

نازل ٿئي ٿي. هريش ڪويتا جي دنيا ۾ هڪ ذهيني اپياسو ۽ گنڀير ڪوي آهي. موجوده دور جي سنڌي نئين ڪويتا جو ستون. جنهن جي ساک سندس پهرين آيل ڪتاب ’تنهن هوندي بہ ...‘ بخوبي پيري آهي. پنهنجي وقت جي گري پر زخمي سچ کي محسوس ڪري ۽ ڪنهن بہ خاص ويچار ڌارا ۽ پيغمبريءَ کان مٿي ٿي هو پنهنجي فن طرف پوريءَ طرح ڪميٽيڊ نظر اَچي ٿو. جڏهن هو ’حوصلو‘ ’ميڻ بتي ۽ مشعال‘ ۽ ’بہ دنيائون‘ جهڙيون ڪويتائون لکي ٿو تہ سندس دائرو ازخود سنڌي جي محدودگيءَ کي ٽوڙي وڏو وستار پائي ٿو.

هريش جي نظر تصوري اُڏام کان بہ زمان حال ڏانهن وڌيڪ سگنيفڪينٽ آهي. هو ويچار کي حقيقتن جي آسپاس اظهار ڏيندي ڪويتا جي معصوميت کي بچائي رکڻ جي صلاحيت رکي ٿو ۽ ڪويتا کي فقط سطحي ۽ اشتهاري احساس ٿي وڃڻ کان بہ بچائي ٿو. هريش وٽ ڪويتا در اصل اُميد کان وڌيڪ آتت جي طور سان ڪم ڪري ٿي. سندس سمويدنائن جي ترلتا ڪنهن وهم ۾ ناهي، نہ ئي ڪنهن سمجهوتي ۾ آهي. ۽ ائين پئدا ٿيندڙ بي چئني بہ آڪروش جي روپ ۾ گهٽ اَسنتوش جي روپ ۾ وڌيڪ آهي. اسنتوش کي بہ هو عملي جامو پهرائڻ چاهي ٿو ۽ آتت ۾ هو ڪنهن معجزي ڪنهن مسيحا جي انتظار ۾ ناهي. هو چاهي ٿو تہ اسين پاڻ پنهنجا مسيحا بڻجي ڪو معجزو پئدا ڪريون. در اصل هن وٽ انسان ذات کي جاڳائڻ جا سڏ آهن ۽ انسان ذات جي اندر پنهنجي وجود سان جدوجهد ڪندڙ آواز سان هو آواز ملائڻ چاهي ٿو. هو پنهنجي ڪوشش ۾ نهايت شفي هوندي بہ پنهنجي آدرش کي نظريتن کان بچائيندي نيٺ انساني ۽ جذباتي سطح تي آڻي بيهارڻ بخوبي ڄاڻي ٿو. جنهن لاءِ هو ڪويتا ۽ سادگيءَ کي طاقت طور اُپارڻ جا ڪي خطرا بہ کڻي وني ٿو. هو تهذيب کي ڪوڙڻ سندس بدصورتي ظاهر ڪرڻ کان وڌيڪ تراشڻ جو ڪم ڪرڻ چاهي ٿو. هو ريپليسمينٽ کان وڌيڪ وارنٽيءَ کي ترجيح ڏئي ٿو. هو پنهنجي خوش ۽ خوف کي ئي طاقت بڻائڻ چاهي

۾ روشنيءَ کي مٽائڻ جا منصوبا ڪامياب نہ ٿين
تہ هٿن ۾ ميڻ بتي نہ مشعال کڻي وٺو
ها توهان ميڻ بتيءَ کان
مشعال ٻارڻ جو ڪم وٺي سگهو ٿا.

۾ ات ساڳي زمين تي ’ميڙاڪو‘ نالي ڪويتا ۾ هو معنوي مناسبت ۾ وضاحت ذريعي ساڳي شئہ کي هڪ نئين سينسبلٽي سان ايسوسئيٽ ڪري جڻ زندگيءَ اوور ائٽنگ کي سمجهڻ تلاشڻ ۾ ڪويتا ۾ ڪاسٽيٽيوٽ ڪرڻ جو ڪم ڪري ٿو. جت سيئي انساني جذبات پيڙ ۾ جذب ٿي پيڙ جو حصو بڻجي وڃن ٿا. ۾ سندس لاچاريون، بي وسي ۾ غير سلامتي جو پيو نئين حس پائي وحشيت ۾ مٽجي وڃي ٿو ۾ ڪيئن اها ئي وحشت اينٽرٽينمينٽ جي ايڪسٽريم کي حاصل ڪرڻ چاهي ٿي ۾ شهوتي سنتوش جا وجهہ ڳولهڻ لڳي ٿي. گهر جي ٻاهران هڪ ڪتي کي ڦلڪو وجهندڙ ماڻهو بازار ۾ بک ۾ حالات سبب ڪجهہ چورائي ڪائيندڙ کي پڪڙي پنهنجي زندگيءَ جو سمورو بد (فرسٽريشن) ٽرانسفارم ڪرڻ چاهي ٿو. هي ڪويتائي اينڪروچمينٽ هڪ پُر اَثر رومان پئدا ڪرڻ سان گڏ لفظ ۾ انجي معنيٰ سان سندس جدو جهد جي طاقت طور بہ اُڀري اَچي ٿو.

ڏسندا هئاسين ڪتي کو ميڙاڪو
تہ سمجهي ويندا هئاسين
هوندو جادو کيل تماشو
مداري يا بازيگر
پر اڄ دپ لڳندو آهي
ڏسي ماڻهن جو ڳاهت
متان ڪو بي گناهہ نہ ٿيو هجي
پيڙ جو اڄ بہ شڪار - ميڙاڪو

اونهائي جهڙڻ بخوبي ڄاڻي ۽ ان کي جذباتي رنگ ڏيڻ به. ات جت ڪويتا جو ڪمزور ٿي هٿن مان ڇڏائجي وڃڻ جو ڀوَ هوندو آهي. هو ات ڪويتا کي مضبوطيءَ سان جهلي بيهي ٿو ’ميڻ بتي ۽ مشعال‘ انجو سهڻو مثال آهي جنهن ۾ ڄاتل آبجيڪٽس کي نئين طرح سان انٽريٽيٽ ڪري ڪنهن ذهني ۽ ڪويتائي ڪانفلڪٽس کان بجاءِ اظهار جون نيون ترڪيبون پيدا ڪرڻ ۽ حواس بخش سان گڏو گڏ معنيٰ جي موٿر کي ڊائينيشن ڏيئي ٻن جڙيل شين ۾ معنوي تضاد پيدا ڪري واجب بئلينس ڏيندي ان مان بخوبي هڪ گنڀير ڪويتا ڪڍي اَچي ٿو. جنهن جو پڙاڏو پنهنجي اندروني غفائن ۾ به پنهنجي گونج کي انيڪسپيڪٽيڊ علائقن ڏانهن وٺي وڃي ٿو. جيئن مناسبت ۾ ميڻ بتي ۽ مشعال جو علامتي ۽ اعمالي فرق - جت ميڻ بتي سوجهري ۽ مخالفت جو پرتيڪ بڻجي اَچي ٿي ته اُت مشعال سڄاڳي ۽ انقلاب جو. جيڪا نعريبازي ۾ به نٽي متجي بلڪ مانيٽي پيڙا کي جواز ۽ مقصد بخشيندي پاڻ ۾ جڙي منهن ڏيڻ ڏانهن مائل ڪري طاقت پيدا ڪرڻ سان گڏ اڄ ڪلهه جي دور ۽ غلط ڳالهه کي سهي وڃڻ ۽ مفاد طور ٽيمپرامينٽ جي ميٽرن جو متجي وڃڻ ڏانهن به اِشارو ڪري ٿي هن ڪويتا ۾ سندس منظر کان نڪري ويچارن لاءِ آماده ڪرڻ جي پوري طاقت سمايل آهي.

ميڻ بتي بيشڪ ڏئي ٿي روشني
مِٽائي ٿي اوندهه
پر اهو ته توهان مڃيندا
ته ٿوڪ سان هڪڙي وسامجي به وڃي ٿي ميڻ بتي
جي توهين چاهيو ٿا
ته روشنيءَ جو دائرو ۽ دور پڻ وڌي
انڌيرو وڌيڪ ۽ وڌيڪ هارجي

ڪري ٿو. ايسنائين جو هو پنهنجي شلپ ۽ ٻوليءَ ذريعي ويچار کي فلسفي طور اسٿاپت ڪرڻ ۾ به ڪامياب ٿيندو نظر اچي ٿو. ڪويتا جون آخري ڪي سٽون پڙهي ڏجن ته ڪويتا پنهنجي خيال ۽ ڊائمينشن ڏيڻ جي حوالي ۾ ان مجموعي جي هڪ بهترين ڪويتا ٻڻجڻ سان گڏ هڪ عالمي ڪويتا ٻڻجڻ جون به ڪيئي خوبيون رکي ٿي. سنڌيءَ ۾ اهڙي طور جون ڪويتائون اڃڻ وڏي ڳالهه آهي.

’رڙ‘ نالي ڪويتا مٿي ٻڌايل پٽڪن جي ڪويتا جي تائيد ڪندي نئين وقت ۾ ڪويءَ جو متجندڙ روپ ڪڍي اچي ٿي. خارجي عقيدتون ۽ داخلي ڪيفيتون ڪيئن هڪ ڪوي جي بنيادي سمجهه به حاوي ۽ حملاور ٿي ويون آهن. جو هڪ ڪويءَ به پنهنجا اخلاق طئه ڪري وارداتي ٻڌجي ويو آهي. ائين ته هر انسان ڪنهن نه ڪنهن طرح جي بدمعاشيءَ سان جڙي ويو آهي پر هڪ ڪويءَ جي صلاحيتن، احساس جو ڊيپريسيئيشن هڪ وڏونفسياتي اثر پڙهي ٿو. پنهنجي صحيح جڳهه ۽ جواز جي تلاش ڪندڙ هيءَ ڪويتا. هڪ شاعر جي پيڙا طور اُڀري آئي آهي. ڪيئن هڪ ليڪ وٽ ’رڙ‘ ختم ٿي ويئي آهي. هي پڇتاو جي احساس سان گڏ وقت تي موقعه پرست نه ٿي سگهڻ جا ڪي اظهاري ڏک آهن يا ڪي اظهار ’رڙيون‘ جيڪي آواز ڪرڻ ڪان اندر ئي اندر ڪٽي رهجي ويون آهن ۽ ان فرشتي جي تلاش ۾ آهن. ڪويتا جي پهرين سٽ ’مان ننڊ ۾ آهيان‘ هڪ غير معمولي پس منظر پئجي ڪويتا جي آخري معمولي سِٽ ’بنا رڙ ڪندي‘ کي وڏو وجود ۽ وضاحت بخشي ٿي.

هريش وٽ هڪ ڪوي جي موت سان گڏ انسان ذات ۽ سندس ڪرندڙ ملهه احساس لاءِ به هڪ بي چيٺ فڪرمندي آهي. انجا عڪس هن مجموعي ۾ پکڙيا پيا آهن. جت ’گريز‘ نالي ڪويتا هڪ موقعه پرست خاموشيءَ جو سهڻو مثال آهي ته اسان انکي ڪيئن مجبورن ۽ بخوبي اختيار ڪيو آهي

سماجي ڪلاسن جي بناوت سندس ڪم جي آڌار تي ٿي هئي. منو سمرتيءَ ۾ انجو ذڪر آهي پر ان ڪيئي اخلاقي الجهنون پئدا ڪري هڪ معصوم ۽ بي لوس دنيا کي اوچتو ڇڻن دنيائن ۾ مٽي ڇڏيو ۽ انسان ذات کي عهدي عزت، ويڇهائپ ۽ نفرت جو آڌار بڻائي تمام نفاست سان ڊيڪلونائيزڊ ڪري ڇڏيو. ائين انسان ذات جي گنڀيرتا اوچتو پاڪنڊ ۾ مٽجڻ شروع ٿي ۽ ڪوڙ پنهنجون پاڙون مضبوط ڪرڻ لڳو. اَڄ اها جاتي پرٿا شايد اوترو ڪم نه ڪندي هجي پر اها سوچ اسانجي اندر ايتري گهري پيل آهي جو مواد بڻجي پنهنجن بين ٿنگن سان رسجي رهي آهي ۽ اڄ به ڊيڪلونائيزيشن جو سلسلو ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ موجود آهي. اڄ جي بازاريڪرڻ ۽ آپشن آڌارت ماحول ۾ هڪ نئون ڪلاس هڪ نئون برزوا سماج تيار ٿي رهيو آهي. اشتهاري زندگي اسانجي ذهن ۾ هر شئہ لاءِ هڪ براند مقرر ڪري اسانجي نفسات کي گهرائي سان مٽي ڇڏيو آهي. باقاعده هڪ آرگنائيزڊ انڊسٽريءَ ذريعي هڪ پلاننگ ڪري ان حساب سان ضرورتون به پئدا ڪيون وڃن ٿيون. توهان کهڙي نالي جي شئہ کي واپريو ٿا ان مان توهانجي مالي حالت سان گڏ مينٽلٽي به جاڃي سگهجي ٿي. براند ڪلاس جو آڌار بڻجي ويو آهي.

براند در اصل ماڻهوءَ جو به ٿيندو آهي. هڪ وقت کان پوءِ غندو نه پر سندس نالو ڪم ڪندو آهي. براند ات به آهي تيئن ئي جيئن ڪو خاص نيتا. ڏسجي تہ ات ڀڳوان به انهي ڪئٽيگري ۾ اَچي ٿو. پنهنجي براندبڊ ڪتابن جي هوندي به اِنهن ڏينهن ۽ ان کان وڌيڪ ٻيو ڪو چريو ثابت نہ ٿيو آهي. انهن سيني شين ۾ اسان لاءِ پاڻ کي ڍڪڻ وري به آسان ٿي سگهي ٿو پر لڪائي ۽ بچائي رکڻ ناممڪن. اوهان ڪٿي نہ ڪٿي ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ پاڻ انجو حصو بڻجي وڃو ٿا.

هريش پنهنجي ’به دنيائون‘ نالي ڪويتا ۾ ان سبجيڪٽ جي پروڙ ڪرڻ سان گڏ ان جي آس پاس نپجندڙ بين سرشتن جي به بخوبي تلاش

ڪري ٿئي سبجيڪٽ ۾ گهڙڻ ڪويتا لاءِ تمام ڏکيو هئڻ سان گڏ تمام احتياج طلب ٿي پوندو آهي ات هو ٿورو وڌيڪ ڪيئرفل ٿيندي نيائڻ منطقي ٻڌائڻ جي پروسيس ۾ ڪي وڌيڪ ڪانشس ضرور ٿياسجي ٿو. حالانڪ هو ات ان لاءِ sitvational back grounds تيار ڪري ڪويتا کي ٿاٻڙجڻ کان بچائي وٺڻ ۾ ڪامياب به ٿيندو نظر اَچي ٿو، پر تڏهن به اها ڳالهه ٿوري کٽڪي ضرور ٿي.

سنڌ ۾ سنڌيت جهڙو پرائو ۾ پنهنجي وجود ۾ ڏنڌلو ٿيندڙ سبجيڪٽ به هريش وٽ ڪي نوان زاويه ماڻي ٿو. سندس اپروچ سني آهي پر اِت مان اهو ضرور چوندس ته اسين ات گهڻو ڪجهه ڊي وئليو (De valve) ڪري رهيا آهيون. اسانکي ڪجهه پارمپرڪ تصوربازي کان ٻاهر نڪري ڪجهه اڃا اونهو گهڙڻ مختلف راهه وٺي ريفارميشن جي ضرورت آهي. ۾ اهو به ڏيان ڏيڻو پوندو ته جيڪو ڪجهه اسان وٽ زنده ۾ جذب ڪرڻ لائق آهي وقت سان اهو دقيانوس نه ٿياسجي. پنهنجي پرمپرائن ۾ بس گذريل نه ٿياسجي. در اصل متجي آيل حالتون عادت ۾ متجي رواج ٻڻجي رهيون آهن. نئين سماج سان گڏ ڪي گڏيل لاچاريون ڪي الجهيل نفسياتي مسئلا به پئدا ٿي رهيا آهن. نوان درد به آهن جيڪي نئون ڪانٽيڪسٽ (context) گهرن ٿا ۾ قلم جي سرسراهٽ لاءِ ٻاڏائين ٿا.

هن مجموعي ۾ هريش جون پريم ڪويتائون مجموعي جي زينت آهن. پريم جهڙو صدين کان قائم ۾ جاودان جذبو گهٽن ڪوين وٽ گهڻو ڪري ٻي جان ٿي ۾ حواس پئدا ڪري سر ريئلزم (surrealism) ڏانهن ڇڪي وڃي ٿو ۾ نئين دنيا جو وجود ڳولهڻ لڳي ٿو. پر هريش وٽ پريم هڪ نفيس تيچ رومان جو نفيس ڇهاءُ ٻڻجي اَچي ٿو. هو جيترو سهج گنڀير ۾ عمر دراز حالات حاضر جي ڪويتائن ۾ نظر اَچي ٿو اوترو ئي سهج الهڙ ۾ اُمنگن سان پريل پر پنهنجي پريم ڪويتائن ۾ به احساس ڪرائي ٿو سندس پريم ڪنهن اڌوري احساس

تہ ات 'انجام' جهڙي ڪويتا هڪ ئي وقت ۾ ٻہ جذبا کڻي اَچي ٿي. ڪٿ فقط پاڻ سان واسطو رکندڙ ماڻهو اڪيلو بڻجي وڃي ٿو ۽ بدلاءَ جو مطلب ساڳي شڪل ۾ رهڻ جي هڪ پيڙا دائڪ مشڪل بہ آهي تہ بي حسي بي سودگي طور اُڀري اَچي ٿي. اُت 'ڏاڪڻ' نالي ڪويتا لفٽ کي شارٽ ڪٽ جو پرتيڪ بڻائي نئين جنريشن جي بدلجندڙ مزاج ۽ ٽيمپرامينٽ جو حوالو ڏئي ٿي تہ 'دک جو درد' ۾ دک بہ بازاريڪرڻ جو شڪار ٿيل ڀاسجي ٿو. تصور جي تجربي سان شديد لاڳاپي طور اُڀري اَچي ٿو ۽ 'اشتهار' نالي ڪويتا ۾ اڄ جي ليکڪ جو پاڻ کي پروڊڪٽ طور پيش ڪرڻ بازار جي آئرني ۽ طنز طور اُڀري اَچي ٿو.

'اِها ڪا پاوڪتا ناهي' ڪويتا هندي ڪويتا 'سنڪرمڻ' جو بهترين سنڌي حوالو بڻجي اَچي ٿي تہ وقت سان جذبات، احساس ۽ پرمپرائن جو ڪيئن تهذيبي ٽرانسفارميشن ٿيندو آهي. 'روئڻ جي حق ۾' نالي ڪويتا ۾ روئڻ سان منسوب هڪ نئون خيال اَچي ٿو. هڪ وڌمبا طور بہ تہ ڪيئن اڄ جي انسان جي اندر جي آلاڻ سڪي رهي آهي. ات اِها ڪويتا اڄ جي دور ۾ ٽيئر آءِ ڊراپ يا آءِ لبريڪينٽس (Eye lubricants) ذريعي مصنوعي ڳوڙها پئدا ڪندڙ نئين ٿيندبسي جي بہ مارمڪ ياد ڏياري ٿي.

'سبب' نالي ڪويتا ۾ انسان جو پٿر بڻجڻ در اصل ڀڳوان بڻجڻ جي پرڪريا طور اَچي ڪي طنزي سنياوناڻون تلاشي ٿو ۽ تيزاب جهڙي ٻرندڙ موضوع تي مانيٽي پر نئين طرح انٽرپيٽيت ڪندڙ 'حوصلو' نالي ڪويتا ظاهر ڪري ٿي تہ ڪيئن هڪ ويچار ڪنهن واقعي جو چنتن بڻجي وڃي ٿو ۽ ڪيئن ويچار ڪويتا ۾ اَچي فقط هڪ ويچار نہ ٿو رهي. ائين هريش جون مختلف ڪويتائون انسٽنڪٽولي ۽ جوازي پنهنجي دعوائي پيش ڪنديون نظر اَچن ٿيون.

اتيئي هريش ڪن ڪويتائن ۾ هڪ ڪويتا جي اندر ٻہ ڪويتائون - ٻہ جذبا - ٻہ سبجيڪٽ کڻي هلڻ جو بہ جوکم ڪنيو آهي. مول سبجيڪٽ کان Switch

اينلارجمينٽ هريش جي ڪويتائن جو سياءُ آهي. جيڪو ڪٿي ڪجھ وڌيڪ ڊريگينس (Dragness) طور اَچي ٿو. پر شلپ جي حوالي سان هريش هڪ ٻيو وڏو جوکم به ڪنيو آهي. تمام گھٽ ڪوي اهڙا ٿيندا آهن جيڪي ڪويتا جي شروعاتي سٽن ۾ ئي پنهنجي ٻولي ۽ جملن ذريعي مخصوص محاوراتي سبب پئدا ڪري ڪويتا کي اڳتي وضاحت ڏيندا آهن (ڪجھ مثال هيٺ ڏنل آهن). گھڻو ڪري اهي ڪوششون ڪويءَ لاءِ هڪ ايڪسپيريمينٽل ڊيٽ ثابت ٿينديون آهن ڪويتا اتي ئي ختم ٿي وڃڻ واري پوَ سان گڏ جمليبازيءَ ۾ متجي وضاحت ۾ ٿابڙجڻ لڳندي آهي ۽ بلڪل بي رس بڻجي ويندي آهي. پر هريش ات خوبيءَ سان انهن جو اينٽيڪلائيميڪس طور استعمال ڪري، سوچڻ جو ٻيو پهلو ڏيئي ڪويتا جي شلپ سان گڏ سندس مفهوم کي به واجب بڻائي وٺي ٿو. هي سٽون بلڪل پهريون آهن.

سمورو حساب هن وٽ هو
مون وٽ فقط وشواس هو - وهي

جيئن جيئن عمر جا ڏاڪا چڙهڻ ٿا لڳون
تيئن تيئن اسانکي چاهڻ وارا گھٽبا وڃن ٿا - جادو

آخر ۾ ڪالنگووڊ کي ياد ڪيان ٿو هن ڪٿي چيو هو - جيڪڏهن اسين ڪنهن رچنا جو صحيح مقصد ڄاڻڻ چاهيون ٿا ته اسانکي ان ڳالھ جو پتو لڳائڻ گھرجي ته رچناڪار جا رچنا وقت پنهنجا ڪهڙا سوال هئا. ضروري ناهي ته اهي سوال اسانکي ان خاص رچنا مان ئي ملن. ائين ڏنو وڃي ته نئين ڪويتا جو خاص موٽو تجربي جي ان نوس بندو کي جهٽڻو آهي جيڪو سيني لاءِ نهايت معصوم احساسي نشپڪش ۽ مارمڪ هئڻ سان گڏو گڏ پنهنجي پرمپرائن سان به جوڙيندو هجي. انهيءَ ڪوشش ۾ تجربي يا احساس جا ڪي پهلو ڇڏائجي به وڃن ٿا جنهن سبب تصور ۾ آيل اميجز

طور ڪونهي. فقط ڪنهن خاص شخص ۾ انجي ويجهو جا ۽ ناهن ڦتجندڙ پيار جو ٻوٽو ڪنهن ڪنفيوزن شڪ ڪشمڪش يا اڻچٽائيءَ ۾ ٻه ناهي، بلڪ هڪ سنگهرشيل مڊل ڪلاس جي مستقبل جا سپنا ٻڌجي اَچي ٿو. ان جذبي جي حوالي ۾ منهنجي ذاتي راهه اها آهي تہ ڪي رنگ فقط سچ جي روشنيءَ ۾ ئي پنهنجي اصلي روپ ۾ ظاهر ٿيندا آهن. اهو بہ جيڪڏهن صحيح زوايئي سان پوي تڏهن هريش جي 'پريم ڪويتا' ۽ ان سان جڙيل ٻيون ڪويتائون انجو سنو عڪس آهن.

ماءُ جهڙي عظيم موضوع تي هن مجموعي ۾ قريبن ۹ ڪويتائون (معصوم شرارتون، ماءُ جي اُداسي، ماءُ جو انصاف، ماءُ جون يادون، ممي ۽ گل، موٽاجي، ماءُ جي ٻولي، ماءُ جي ٿڃ ۽ نانگ) آهن. انهن ۾ 'موٽاجي' ڪجهه علحدگي سبب موهي ٿي. نيٺ ڳوناٽي ۽ اپيرنش تي ويل لفظ ڪي نئين احساسي موافقت بخشي سنڌي چيتنا ڪي هڪ سوچڪ طور ڪٿي پنهنجي تهذيب ڪي پنهنجي عام روپ ۾ بچائي رکڻ جي چنتا طور اُڀري اَچي ٿي ۽ گڏو گڏ اهو مارمڪ احساس بہ ڪرائي ٿي تہ زندگيءَ جا تمام پهاڙ لنگهي ايندڙ شخص ڪي تجربن جي ٽٽندڙ ڪمائي ۾ پنهنجو هئڻ ڪئن ناڪارا ۽ مشڪوڪ لڳڻ لڳي ٿو.

ذاتي طور تي پوري مجموعي ۾ ان ڪان بہ وڏيڪ متاثر مان 'ڪڏهن' نالي ڪويتا مان ٿيو آهيان. هن ڪويتا ۾ هريش اڻچئي سپ چوڻ واري ڊرامائي مائم ميٿڊ جو ڪم لفظن مان وٺندو نظر اَچي ٿو. نئين پر ڏڪئي ۽ وڏيڪ اظهار طلب خيال ڪي تمام ساده شلپ ڏيئي ايڏي اونچائي بخشڻ تمام گهٽ ڪوين وٽ ڏسڻ ملندو آهي. اڄ جي آواز طلب ۽ رسمي زندگيءَ ل اها ڪويتا وڏي اهميت رکي ٿي. اُميد ڪان وڌيڪ آتت جو ڪم ڪري ٿي جڏهن رشتا برف وانگي ٿي ويا آهن ۽ انهن ڪي مينٽين رکڻ لاءِ خاص ٽيمپريچر ۽ ماحول جي ضرورت پوڻ لڳي آهي. ڪويتا جو رس اظاهر وٽين مان رسجي اوهانکي ازخود آلو ڪري ڇڏي ٿو.

सचायूं तुंहिंजयुनि अखिड़ियुनि में महेफ़ूज़ रहनि
भग॒ल टुटल को सुपनो मूं वट कुझु त हुजे

शिव शंकर! रहनि भरियल भंडार अव्हां जा
पारूथीअ रोटीअ जो टुकुरो मूं वटि कुझु त हुजे।

कोयल जी कूकू, गुल, ख़ुश्बू, गुलशन तो वट
रेत ततल ऐं सन्नाटो मूं वट कुझु त हुजे।

मुरक मिठी, मस्ती ऐं माणा, ग॒हणा तुहिंजा
को ग़म, का पीड़ा, सदमो मूं वट कुझु त हुजे

डन्ढ अव्हां जी, समुंड अव्हां जो, ककर अव्हां जा
प्यास ज़री, ख़ाली मटका मूं वट कुझु त हुजे।

रंग रंगीलो शहर सज॒ो तो वट, ग॒ोठु चये
बड़ जो वणु, हिकड़ो पौधो मूं वट कुझु त हुजे।

शाह पढ़ां पर समुझी कोन सघां बैतु संदसि
लीड़ॅ॒ लीड़ॅ॒ वरसो मूं वट कुझु त हुजे।

45 -D Hemu Kalani Square,
Jaripatka, Nagur-440014

هميشه اڌوري رهي ٿي ۽ ائين ڪويتا جو تڪميل تي نہ پهچڻ ئي سندس ڪاميابي بہ بڻجي پوي ٿي. ڪويتا فنشنگ (Finshing) کان وڌيڪ اظهار ۽ پهچ جو ڍنگ گهري ٿي. ڪويتا نہ تہ ڪو شڪايت نامو آهي نہ سمجهاڻي. هوءَ فقط ان احساس سان گذرڻ آهي ۽ گذرجندو رهڻ آهي. ڪوي فقط ويچار جو آپشن پيش ڪندو آهي. حالانڪ هربش ڪٿي بہ اٽڪڻائي يا ائميگوئٽي کان ڪم نہ ورتو آهي. سندس شلپ ۾ سنڪيت رواجي ۽ صاف آهن هڪ creative simplicity ۾ sensiblity بہ آهي. سماجي حقيقت ۾ هو پولش (Polish) ۽ جرمن ڪويتائن (روزيوچ ۽ ايرڪ فرائڊ) جو هڳاءُ پئدا ڪري ٿو پر هر مهان ليکڪ وانگي هن وٽ بہ پنهنجا ڪي ڪمزور پهلو آهن. ظاهر آ هڪ سني ۽ وهندڙ پانڪ جون ڪيئي تڪليفون آهن. هن جو خيال ۽ ڪويتا جي پيڪ کي حاصل ڪرڻ لاءِ اصلاحي بڻجي وڃڻ ڏڪوئي ٿو. تجربن جي ذات کي ڪي غير ضروري وضاحت ڏيئي موک بخشڻ ڏڪوئي ٿو. ان سبب ڪجهہ ڪويتائن ۾ آخري ڪجهہ سٽن جو هٽڻ تڪليف ڏئي ٿو ۽ اهو سڀ سندس سُر ۾ هڪ سنتوش جو احساس ڪرائڻ سان گڏو گڏ ڪويتا کي نئون روپ ڏيڻ نئون رستو ڳولهڻ جي چٽپٽاهٽ طور بہ اُڀري اَچي ٿو. ات اختصار کان ڪم وٺڻ جي سخت ضرورت ۽ ڪساوت جي گهرج محسوس ٿئي ٿي. ساڻ ئي ڪن لفظن جو (جيئن نيڪ انسان وغيره) جو ور ور اَچڻ ۽ ڪٿي ڪن جملن کي ورائي لکي ڪويتا پئدا ڪرڻ وارو پراڻو رواج بہ ڪجهہ اسهجتا پئدا ڪري ٿو جيڪو هڪ ڪويءَ جي سڄاڳيءَ جو اَحساسي پيڙا ۾ متجڻ بجاءِ هڪ ساوڌاني ۽ ڪئلڪيوليشن ۾ متجندو نظر اَچي ٿو. خير مان گڏو گڏ اهو بہ چوندس تہ مان سنڌي ۾ گهٽي وقت کان پوءِ ڪتاب جي هڪ بهتر تجربي مان گذريو آهيان.

B-17, Capital City -3
Saddu, Raipur 492013 (C.G.)
Email : kailash shaadaab@yahoo.com
Mob : 9303311448

तन्हा / ढोलण राही



१. महानगरु राकासु
ब॒हराड़ियूं ग॒ीहंदो वञे

२. सोन हुजे भलि क़ीमती
महक त गुल ड॒ींदा

३. कंहिं ब॒हरूपी सच खां
कूड़ सुठो सौ बार

४. बाज़ु न करे शिकारु
माकोड़े, मखि मछर जो

५. जंहिं में आ मेठाजु
पहिरीं कटिबो फलु उहो

६. दांगी तहिड़ी आरिसी
फ़र्क़ु न अंधे काणि

७. सोना बासण खाज॒ लाइ
सोनु त खाज॒े कोन

८. ब॒िए जे ब॒किरीअ खे पिटीं
मरंदइ पंहिंजी मेंहिं

९. सस्ती ख़ूबु सलाह
मदद महांगी थी मिले

१०. नंहुं वधंदो, कटियो खणी
आङुरि वढिबी कान

११. झेड़े झगि॒ड़े मार जी
कावड़ि आहे माउ

१२. कड़ो न खाइनि जे, उहे
मिठे कनां महरूमु

१३. तारीफ़ी तलवार जो
घाउ न छड॒े निशानु

१४. मच्छी ऐं मिज़मानु
धप कंदा कुझु ड॒ींहनि में

१५. भली हूर ख़ारिज करे
वाउ न महिके मूरु।

Flat No. 602
Florence Bldg.,Pragati Nagar,
Kotra - Ajmer - 305001,
Mob. 9468868812

ग़ज़ल / विनोद आसूदाणी



नवां पुराणा सभु रिश्ता साड़े अचु
ख़ुद सां पिणु सभु लाॻापा साड़े अचु।

सार लहां मां कंहिंजी कंहिंजी कीअं आख़िर?
दर्द, ख़ुशियूं, ॻणितियूं, ओजाॻा साड़े अचु।

पढ़ तूं, भलि पढ़, पर छा पढ़िजे सोच ज़रा
भरँमाइण वारा सभु पोथा साड़े अचु।

आज़ादीअ जी जंग अञा हीअ जारी आ
माज़ीअ जा पारूथा नारा साड़े अचु।

प्यास लॻी थस पाणी घुरिजे अबहम खे
गंगा जल, आबे ज़मज़म छा! साड़े अचु।

केसीं लीकुन जे फेर में फाथल रहिबो
रंग रंगीला काॻर, नक़्शा साड़े अचु।

रांद नई का सभु गड्डिजी खेडूं यारो
हार जीत जा सभु पैमाना साड़े अचु।

असांजी उहा ट्रप एड़ी सुहानी रही हुई जो अनील चवण लगो, "हाणे त तूं असांजो पको गाईड थी विएं। केडाहं बि वेंदासीं त तोखे बि गडु हलिणो पवंदो।"

मूं टहिकु डेई खिली डिनो हो। उन सफ़र जी रंगीनीअ खे मां को असों भुलाए न सघियो होसि।

ऐं ही बियो मौक़ो हो साणनि गडु घुमण जो। सावित्रीअ जा लफ़्ज़ मुंहिंजे कननि में बार बार बुरण लगा। सचु त हिन जी बदौलत ई इहो सभु आसान थी सघियो हो। कुझु माईटनि वटां ऐं कुझु आफ़ीस सोसाईटीअ मां लोन वग़ैरह खणी कंहिं तरह वक़्त खे मुंहुं डेई वठिबो। अहिड़ो मौक़ा क़िस्मत सां था अचनि।

केडी राति गुज़री वेई हुई पर मां आसमान में उडामंदो रहियुसि, स्तारनि जे बि हुन पारि।

उहो दुनिया केडी न रंगीन हूंदी! न्यूयार्क, सींगापुर, हांग कांग ... सावित्रीअ बियो बि को शहर बुधायो हो, जो हाण केडा मथा मोना हणंदे बि यादि न पिए आयो।

पंहिंजनि दोस्तनि सां जडहिं गाल्हि कंदुसि त हू हसरत भरियल निगाहुनि सां मूंखे डिसण लगंदा। मुंहिंजे क़िस्मत ते रशकु कंदा, ऐं मुंहिंजो कंधु फ़ख़ुर खां ऊंचो थी वेंदो। जेकी पंहिंजा दिल घुरिया आहिनि तिनि खे त हद ख़ुशी थींदी।

ईएं अधु निंड, अधु जाग में राति गुज़री हुई। उन वक़्त त टेबल तां ख़तु खणी कोन पढ़ियो होम, लेकिन हीअर उन जे पढ़ण जी

बेहदि उतकंठा थी रही हुई। सोचियुमि, सुभाणे आफ़ीस वञण खां अग॒ उहो ख़तु पढ़ंदो वेंदुसि।

सुबह वारा उहे कलाक ई ज॒णु वधी पिया हुआ। आफ़ीस वञण लाइ सवेल भरो तैयार थी मां सावित्रीअ वटि आयो होसि, "सावित्री हू ख़तु किथे आहे? डे॒ त पढ़ी डि॒सां।"

सावित्री मूं डां॒हुं निहारे खिली जो खिली का भीणी न हुई। मुंहिंजी उण तुण वधाइण लाइ वरी वरी पुछे, "कहिड़ो ख़तु?"

मां ताजुब मां डा॒हंसु निहारींदो रहियुसि, "पर तूं ए॒ड़ो खिलीं छो थी?" संदसि खिल मूंखे कुझु अजीब ई भासे रही हुई।

चयाईं, "काल्ह तारीख़ कहिड़ी हुई?, यादि करि।"

"ओह! ..." मुंहिंजा त ताक़ लगी॒ विया हुआ। 'पहरीं अप्रेल' चवंदे चवंदे अखर ज॒णु ज़बान ते ई सुकी विया हुआ।

चयुमि, "सावित्री अहिड़ो चर्चो तूं कंदीअ, मां ख़्वाब में बि नथो सोचे सघां।"

सावित्रीअ चयो, "इहो टेबल वारो मीरां जो ख़तु हिक डीं॒हुं अग॒ ई त आयो हो। लिखयाई मइ महीने में अनील अमेरीका वञी रहियो आहे, काल्ह तूं आएं त सोचियुमि, इहो चर्चो तुज़ु थींदो।"

मुंहिंजी हालत अहिड़ी हुई, ज॒णु मां सतें आसमान तां किरंदे, ख़ला में लटिकी पियो होसि।

कहाणी :- उडा॒मंदड़ अरमान किताब मां

14, Tilok Nagar,
Ajmer - 305001

मीरां खे ईऐं लिखंदें त मूं वटि पैसा कोन्हनि इनकरे नथो हलां? ... ऐं मोट में मीरां छा लिखंदइ इहो बि तूं ॼाणीं थो।''

''सभु ॼाणां थो। संदसि सुभाव खां जेतिरो तूं वाक़िफु आहीं, उनजे अध जेतिरो मन मां बि हुजां ... पर बि, मां इहो कदाचित न चाहींदुसि त मुंहिंजे टिकेट जा पैसा बि हू भरीन।''

''तुंहिंजे चाहण सां छा थींदो! अनील जो सुभाव बि तोखां गुझो आहे छा? ... अहिड़ी नादानी कॾहिं बि न कजि जो खेनि इनकारी जवाबु लिखी मोकलीं।'' खिनु शांत रही सावित्रीअ चयो हो, ''ऐं ॿुधु, पंज हज़ार मां तोखे ॾेई सघंदियसि। मूं वटि पंहिंजा अलग़ि रखियल आहिनि। ॿ हज़ार त तो वटि बि हूंदा, ऐं मां नथी समझां पंज सत हज़ार किथां बि हथि करणु तो लाइ का ॾुखी ग़ाल्हि थींदी।''

मां सावित्रीअ जो मुंहुं तकींदो रहियुसि। हिन ॼणु मुंहिंजी मुश्किल आसान करे छॾी हुई। हिन मथां ईऐं बि चयो हो, ख़रीदारी वग़ैरह न बि कयइ त छा थी पवंदो।''

हूअं मूं जंहिं मसइले खे एॾो मुश्किल ऐं पेचीदो थे समझियो, हीअंर उहो ओतिरो ई मुंहिंजे अग़ियां आसान थी वियो हो। सचु ई त हो, ख़रीदारी न बि कई त छा थी पवंदो।

मुंहिंजे दिल जी केफ़ियत उन वक़्त अजीब हुई। सॼो वक़्तु मीरां अखियुनि आॾो पई फिरे। ॾाढी शरारती आहे। अवलि नम्बर जी अड़िॿंग। केरु चवंदो त शादी शुदह आहे! अञा बि उहा ई ॿाराणी

ब॒धी। मां दहलीअ वेंदुसि त ब॒ारनि वांगुर डोड़ंदी, भाकुरु पाए मिलंदी। चवंदो आहियांसि, तूं अजु॒ बि उहाई सतनि सालनि जी नींगरी।

अनील जो बि ठाहूको सुभाव आहे। केड॒ो न खिलमुख ऐं रिलणो मिलणो। वडे॒ उहिंदे ते आहे त आफ़ीस में आहे, घर में सभनी खां नंढो।

मां ख़ुशफ़हमीअ जा ख़्याल खणी घरि मोटी आयो होसि। देर राति ताईं मूंखे निंड कान आई। सजो॒ वक़्तु हवाई जहाज़ में मीरां ऐं अनील सां गडु॒ वेठो होसि। मीरां जा मधुर टहिक कननि में गूंजी रहिया हुआ।

मूंखे यादि आहे, हिक दफ़े मां दहलीअ वियो होसि जो उन्हनि डीं॒हंनि में हिननि सिमले जो प्रोग्राम ठाहियो हो। मीरां उते बि ब॒ाराणी कई हुई, ''तूं बि हलु।''

''मुंहिंजो सिमलो डि॒ठलु आहे, तव्हां घुमी अचो।''

''पोइ त वधीक मज़ो ईंदो, तूं असांजो गाईड थी हलु।''

मां टहकनि में छुटिकियुसि त टहक बंद ई न थियनि, ''तव्हां जो गाईड थी हलां?''

अनील बि डा॒ढो ज़ोरु भरियो। ''तूं गडु॒ हूंदे त घुमण में मज़ो ईंदो।''

''मज़ो ईंदो या मां भत में कब॒रि बणिबुसि।''

अनील को वक़्तु ब॒धा टहिक डे॒ई खिलंदो रहियो। सचु त

कुझु ई ड्रींहं अगु मीरां जो ख़तु आयो हो त मई महीने जे पछाड़ियुनि तारीख़ुनि में अनील अमेरीका वञी रहियो आहे, लेकिन ख़त में संदसि वञण जो को ज़िकुर कोन हो।

तंहिं ड्रींहुं सावित्रीअ वटि वियो होसि जो बुधायाईं त वटसि मीरां जो ख़तु आयलु आहे। ईंदड़ महीने अनील ऐं मीरां अमेरीका वञी रहिया आहिनि ... ऐं साणनि गडु तूं बि।

मूंखां छिरकु भरिजी वियो हो, ''मां बि?'' हैरत मां संदसि मुंहुं तकींदो रहियो होसि।

सावित्रीअ जो मुख कंहिं अनोखी मुर्क विचां बुहिकियो पिए। चयाईं, ''हा तूं बि ... काल्ह ई त ख़तु आयो आहे। साम्हूं टेबल ते रखियो अथेई, पढ़ी ड्रिसु।''

मां ड्रिसी रहियो होसि, साम्हूं कुंड में टेबल ते लिफ़ाफ़ो रखियो हो, पर हिमथ न पई थिए त उथी, उहो खणी पढ़ी ड्रिसां।

''तो वटि ख़तु न आयो आहे छा?, लिखयाईं त विजूअ खे बि लिखी रही आहियां।''

''मूं वटि त अहिड़ो ख़तु कोन आयो आहे।''

''त अची वेंदुइ। मूं वटि बि काल्ह ई आयो आहे।''

मुंहिंजी दिल जी धड़कनि वधी वेई। मूड़े ते न, पर ज़ुणु कंहिं फिरंदड़ चक ते वेठो होसि। इहो बुधी मूंखे जेका ख़ुशी थियणु खपंदी हुई या उत्साह विचां असुल छुलिजी पवां हा, अहिड़ो कुझु बि न हो। बिनह शांत होसि। चयुमि, ''मीरां त अलाए छा थी

समझे, मूं वटि लख पिया सड़नि जो साणसि गडु अमेरीका घुमण वेंदुसु। चरी किथां जी ...''

सावित्री मूं ड्रांहुं यक टक निहारे मुर्की रही हुई। मूंखे ब्रुधो अणब्रुधो करे चयाई, ''पासपोर्ट त तुंहिंजो ठहियलु ई आहे।''

''सो छा थी पियो?''

''तोखे थी छा वियो आहे विजय?''

''छा थींदुमु?''

''मूं समझियो हो त अहिड़ो कुझु ब्रुधी तुंहिंजा पेर ज़मीन ते कोन टिकंदा, पर उटिलो ज़मीन अंदर पेही वियो आहीं।''

''तडुहिं वताए फ़क़ीर वांगुर रिली कुल्हे ते ऐं कुडंदो वतां, ईएं न?''

कहिड़ियूं थो ग़ाल्हियूं करीं ... त छा तूं साणनि गडु कोन वेंदें?''


''चई ईएं वईअं ज़ुणु साणनि गडु मसूरी या सिमले थो वञा! अमेरीका वञण लाइ धनु घुरिजे, जेको विजूअ वटि कोन्हे।''

सावित्री इन्तहा अजब मां चयो, ''तूं ख़तु खणी पढ़ी त ड्रिसु। मीरां केडुनि अठसठनि मां लिखयो आहे। पैरसि लाइ बि वीज़ा जी कोशिश कंदा। मोटंदे हांग कांग ऐं सींगापुर मां बि घुमंदा ईंदा।''

''पर मां बिना पैसे जे एड्रा सपना पालियां छो?''

''कहिड़ीअ ग़ाल्हि ते तो दिल लाथी आहे, मां बि त ब्रुधां ... ओट मोट जो भाड़ो कुलु ब्रारहां हज़ार, सो तूं हथि करे न सघंदें?

कहाणी / हरी हिमथाणी



उड॒ामंदड़ अरमान

मूं इएं ई सहिज सुभाव खेसि मज़ाक़ मां चयो हो, "ओरी कड॒हिं बि तुंहिंजो अमेरीका वञणु थिए त मूंखे न भुलजिजांइ।"

मीरां मुर्की ड॒िनो हो। उहा कोरी मज़ाक़ हिक ड॒ींहुं साभया जो रूप अख़्तियार कंदी, अहिड़ो ख़्वाबु ख़्याल बि न हो।

मीरां ऐं मुंहिंजी मासात सावित्री प्राईमरीअ खां बी.ए. ताईं गड॒ पढ़ियूं हुयूं। मंझनि ऐड॒ी सिक, साउ जो सगि॒युनि भेनरुनि में बि मुश्किल मिले। मीरां जो मूंसां बि नींहं जो नातो अहिड़ो जो लगु॒ंदो हो त ज॒णु हिक ई कुख मां जन्म वरितो अथऊं।

मीरां जो घोटु अनील, आमरीकन एमबेसीअ में वडे॒ उहिदे ते हो। बंगलो, कार, सभु सुख सहिंज खेसि मुयसर हुआ। आफ़ीस कम सांगे अमेरीका वञणु थींदो होस त ईएं हिक लिङा मीरां खे बि पाण सां गड॒ वठी वियो हो।



साहित ऐं कला जी
रचना 170 (April - June 2021)

Sahit ain Kala ji RACHNA Registered with Registrar of Newspapers for India Registration No. GUJSIN / 2006 / 16540
scan - 9327007002